ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 26 آگسٽ 2026ع 12 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (12)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

9 مئي واري حملي ڪيس ۾ 47 اشتهاري جوابدارن کي 10-10 سال قيد، ملڪيتون ضبط ڪرڻ جا حڪم

راولپنڊي جي دهشتگردي جي روڪٿام واري عدالت 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو تي حملي واري ڪيس ۾ 47 اشتهاري جوابدارن کي 10 سال قيد ۽ هر هڪ کي 5 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي

سزا يافته ماڻهو 9 مئي جي واقعن جي پس منظر ۾ ٿيل سازش ۾ ملوث قرار ڏنا ويا، جي آءِ ٽي جي رپورٽ ۾ جوابدارن کي پرتشدد احتجاجن جي رٿابندي ڪرڻ ۾ ملوث ڄاڻايو ويو

جوابدارن ۾ عمر ايوب، زرتاج گل، مراد سعيد، شبلي فراز، حماد اظهر، ڪنول شوزب، شيخ رشيد شفيق، شهباز گل، زلفي بخاري، محمد احمد چٺا، راءِ حسن نواز، راءِ محمد مرتضيٰ، شوڪت علي ڀٽي، عثمان سعيد بسرا ۽ اعجاز خان شامل

ڊسمبر 2024 ۾، ان ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي سميت 118 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو. هيئنڊر تائين استغاثي جي 44 شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا، 29 جوابدار پيش ٿي نه ٿيا

استغاثا 19 شاهدن جا بيان عدالت ۾ قلمبند ڪرايا، سرڪاري وڪيل استغاثا جي شاهدن تي آڌي پڇا ڪئي، 47 اشتهاري جوابدارن جي ڪيس جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد عدالت پنهنجو فيصلو ٻڌايو

راولپنڊي (ھ د) راولپنڊي جي دهشتگردي جي روڪٿام واري عدالت 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو (GHQ)تي حملي واري ڪيس ۾ 47 اشتهاري جوابدارن کي 10 سال قيد ۽ هر هڪ کي 5 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو ايران جو هڪ ڏينهن جو دورو مڪمل، خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ سميت اهم معاملن تي ڳالهيون

"آبناءِ هُرمُز کوليو، پراڪسي وار بند ڪيو ۽ پابنديون کان بچو" فيلڊ مارشل آمريڪي پيغام ايران تائين پهچائي ڇڏيو

واشنگٽن آبناءِ هرمز جي ناڪابندي ختم ڪرڻ ۽ پابنديون ڪٽڻ جي عيوض ايران کان آبناءِ هرمز ٻيهر کولڻ ۽ ايران جي حمايت يافته پراڪسي گروهن جا حملا بند ڪرڻ جي تجويز

پاڪستاني آرمي چيف ايران تي زور ڏنو ته هو پنهنجي حمايت يافته پراڪسي گروهن جا حملا ختم ڪري ۽ جون ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ طئي ٿيل اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ڏانهن واپس اچي

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان صدر مسعود پزشڪيان، سپريم ليڊر جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل بابت نمائندي محسن رضائي، باقر قاليباف ۽ ٻين ملاقاتون ڪيون

ايراني قيادت ڳالهين کي هٿي ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ تڪرار جي پرامن حل کي آسان ۾ سهولت ڪاري جي لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار ۽ مخلصاڻين ڪوششن کي ساراهيو

هي دورو آمريڪا-ايران تڪرار جي ڏس ۾ خطي ۾ ڊگهي مُدي واري امن ۽ عدم استحڪام جي مستقل خاتمي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوششن جو حصو هو: ترجمان آءِ ايس پي آر

ايراني صدر پنهنجي حڪومت جو موقف ۽ خدشا ڪليل نموني اسان آڏو رکيا، جڏهن ته لاڳاپيل معاملن تي اسان وچ ۾ تعميري ۽ لاپائتي ڳالهه ٻولهه ٿي: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

راولپنڊي (اي پي پي/ھ د) پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير ايران کي آمريڪا طرفان اهم آڇ پهچائي آهي، جنهن تحت واشنگٽن آبناءِ هرمز جي ناڪابندي ختم ڪرڻ ۽ پابنديون ڪٽڻ جي عيوض ايران کان آبناءِ هرمز ٻيهر کولڻ ۽ ايران جي حمايت يافته پراڪسي گروهن جا حملا بند ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي عاصم منير ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

نبي ڪريم صہ جي سيرتِ طيبہ محبت، برداشت، عدل ۽ انساني خدمت جو عملي نمونو آهي:شرجيل ميمڻ

رسولِ اڪرم ﷺ معاشري جي ڪمزور طبقن جي حقن جي تحفظ، ڀائيچاري، رواداري ۽ هڪ ٻئي جي احترام کي هٿي ڏني

اڄ جي دور ۾ اسان کي سيرتِ نبوي ﷺ جي رحمت ۽ محبت واري پيغام کي عام ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي

پاڪستان سميت پوري امتِ مسلمہ کي هن بابرڪت موقعي تي اتحاد، اتفاق ۽ هڪ ٻئي جي احترام جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ عيد ميلاد النبي ﷺ جي بابرڪت موقعي تي پاڪستان سميت پوري امتِ مسلمہ کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته عيد ميلاد النبي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

اطلاعات واري سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ جو ايس پي آر اي آفيس جو دورو

اطلاعات کاتي ۽ پارلياماني رپورٽرز وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق، صحافين جي مسئلن تي ڳالهيون

صحافين جي پيشورانہ تربيت لاءِ مختلف پروگرام ۽ ورڪشاپون پڻ منعقد ڪرڻ تي غور ڪيو ويندو:ڪاشف گلزار

صحافتي برادري ۽ اطلاعات کاتي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ سان صحافين جا مسئلا بهتر نموني حل ٿي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي اطلاعات واري سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ پارلياماني رپورٽرز ايسوسيئيشن (ايس پي آر اي) جي آفيس جو دورو ڪيو جتي ايسوسيئيشن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

ڪراچي: اطلاعات وارو سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ پارلياماني رپورٽرز ايسوسيئيشن جي عهديدارن سان گڏ بيٺل آهي

جشن
عيد ميلاد النبي ﷺ
عبرت پڙهندڙن کي
جشن عيد ميلاد النبي صہ
جون لک لک مبارڪون.
پاران: عبرت سٽ

جعلي دستاويزن ذريعي پارٽ مان اربين رپين جو ڪيميڪل درآمد ڪرڻ جو الزام، ايف آءِ اي جو ڪيس داخل

اڳوڻي بي جي پلانٽ پروڊڪشن سميت ڪيترائي سرڪاري آفيسر ۽ خانگي ڪمپنين جا مالڪ نامزد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي اينٽي ڪرپشن سرڪل ڪراچي جعلي دستاويزن ذريعي پارٽ مان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: سعودي-پاڪ جوائنٽ بزنس ڪائونسل جي چيئرمين شهزاده منصور بن محمد السعود جي اڳواڻي ۾ وفد وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران عيد ميلاد النبي ﷺ جي ڏهاڙي تي مسلم امت کي مبارڪباد

حضور ﷺ جي ذات پاڪ ايمان علم، اخلاق ۽ عدل جو پيغام پهچايو: شهباز شريف

نوجوان نسل جي بهترين ڪردارسازي جي لاءِ اسان کي سچائي، ديانت جا اصول اختيار ڪرڻا پوندا

پاڪ ڪريم ﷺ اخلاقي نشونما ۽ انفرادي ۽ اجتماعي زندگين جي هدايت بانگ راهه متعين ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان سميت سجي دنيا ۾ مسلمان امت کي حضور نبي ڪريم ﷺ جي ولادت باسعادت جي ڏهاڙي جي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته حضور

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

سنڌ جي سرڪاري اسڪولن لاءِ عالمي تعليمي مقابلن جو رستو کلي ويو، 60 ملين رپين جي معاونت

هي قدم سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي باصلاحيت شاگردن کي دنيا سان ڳنڍڻ جي حوالي سان اهم اڳڀرائي آهي:سردار شاهه

شاگردن جون صلاحيتون عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ معاونت حاصل ڪرڻ هڪ وڏو سنگ ميل آهي

سنگاپور انٽرنيشنل ماسٽري ڪانٽسٽس سينٽر دنيا جي شاگردن لاءِ بين الاقوامي تعليمي مقابلن جو هڪ معتبر پليٽ فارم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ عالمي معيار جي تعليمي مقابلن ۽ سرٽيفڪيشن جي حوالي سان اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي اسڪول ايجوڪيشن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

صدر پاران اسلامي دنيا کي نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ولادت باسعادت تي مبارڪباد

حضور ڪريم ﷺ ايمان، هدايت، عدل، رحمت ۽ اخلاق حسنہ جو ڪامل رستو عطا ڪيو: صدر آصف زرداري

الله تعاليٰ جو تمام وڏو احسان آهي جو نبي آخري الزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو

نبي ڪريم ﷺ جي سيرت طيبہ اسان کي اهو درس ڏي ٿي ته انسانن جي روح ۾ گڏيل احترام ۽ خيرسگالي جي جذبن کي فروغ ڏنو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پوري قوم ۽ اسلامي دنيا کي نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ولادت باسعادت تي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته هي ڏينهن اسان جي لاءِ الله تعاليٰ جي ان عظيم نعمت جي ياد تازي ڪري ٿو جنهن جي ذريعي انسانيت کي ايمان، هدايت، عدل، رحمت ۽ اخلاق حسنہ جو ڪامل رستو عطا ٿيو ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر 12 ربيع الاول 1448ھ جي بابرڪت موقعي تي پنهنجي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

فرانس ۾ طوفاني واچوڙي سبب 26 ڄڻا زخمي، 100 گهر متاثر

پيرس (اي پي پي) فرانس جي ڏکڻ پاسي واري علائقي آدي ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

ٿائيلينڊ ۾ فائرنگ دوران 2 ماڻهو فوت، 2 زخمي

بينڪاڪ (اي پي پي) ٿائيلينڊ جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اقليتي حقن لاءِ قومي لابنگ وفد سان ملاقات ڪندي

حڪومت جو 10 رپين وارو ڪرنسي نوٽ ختم ڪرڻ جو فيصلو، نئين ڊزائن وارا نوٽ به جاري ٿيندا

سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، ڪرنسي نوٽن تي بريفنگ

هر سال اڪ هن اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر کي 5 هزار رپين جا 3 نوٽ ڏنا هئا، جن مان هڪ جعلي هو: چيئرمين

مانڊوي والا جي جعلي نوٽ ڪميٽي ۾ ٺهڪڻ نون ڪرنسي نوٽن جي ڊزائن جي صلاحڪار کي ڇپائيءَ جو ليڪر ڏنو ويو آهي: چيئرمين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت ملڪ مان 10 رپين جو ڪرنسي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

10 ارب ڊالرن جي سويپ لائن معاملي تي پاڪستان کي آمريڪا طرفان تعميري اڳڀرائي

هلندڙ مالي سال ۾ يورو بانڊ سان هڪ کان 2 ارب ڊالرز حاصل ڪرڻ جو هدف آهي: ناڻي وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي)ناڻي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته 10 ارب ڊالرن جي سويپ لائن معاملي تي پاڪستان کي آمريڪا طرفان تعميري اڳڀرائي ملي آهي ۽ اميد آهي ته ايندڙ ڪجهه مهينن ۾ جواب ملي ويندو

آمريڪي رياست نيوادا ۾ ٻيلن ۾ باهه لڳڻ سبب 7 ماڻهو زخمي، 32 گهر تباهه

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي رياست نيوادا ۾ ٻيلن ۾ لڳل باهه سبب 7 ماڻهو زخمي ۽ 32 گهر تباهه ٿي ويا آهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

اروڙ يونيورسٽي سکر ۾ سينٽرل لائبريري جو افتتاح

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو لائبريري جو افتتاح ڪيو

يونيورسٽي پاران نئين ويب سائيٽ "اروڙ ڪيريئر ڪنيڪٽ پورٽل" جو پڻ آغاز ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

AROR UNIVERSITY OF ART, ARCHITECTURE, DESIGN, AND HERITAGE, SUKKUR
Inauguration of Central Library
by
MUHAMMAD ISMAIL RAHOO
Minister, Universities & Boards / Pro Chancellor
on Monday, 24th August, 2026
During Tenure
Prof. Dr Zahid Hussain Khand
Vice Chancellor

سکر: صوبائي وزير اسماعيل راهو اروڙ يونيورسٽي ۾ سينٽرل لائبريري جو افتتاح ڪري رهيو آهي

وہی قُرآں، وہی فُرقاں
وہی یٰسیں، وہی طٰہٰ
وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ
"اور ہم نے آپ کو تمام جہانوں کیلئے رحمت بنا کر بھیجا"
جشن ولادت
خاتم النبیین حضرت محمد ﷺ
رسول اللہ

وزارتِ اطلاعات ونشریات
حکومت پاکستان
URAAN PAKISTAN
/GovtofPakistan @Govtofpakistan @GovtofPakistan @govtofpak www.moib.gov.pk
PID (I) 1900-D/26
27cm x 8col. (HalfPage Ad)

بقايا 1 روزاني عبرت

فيصلي موجب، سزا يافته ماڻهو 9 مئي جي واقعن جي پس منظر ۾ ٿيل سازش ۾ ملوث قرار ڏنا ويا آهن جي آءِ ٽي (JIT) جي رپورٽ ۾ جوابدارن کي پرتشدد احتجاجن جي رٿابندي ڪرڻ ۾ ملوث ڄاڻايو ويو آهي سزا يافته جوابدارن کي جي ايڇ ڪيو (GHQ) گيٽ، حمزه ڪيمپ، آرمي ميوزيم ۽ سڪسٿ روڊ ميٽرو اسٽيشن تي ٿيل حملن ۾ ملوث قرار ڏنو ويو آهي گڏيل جاچ ٽيم (JIT) انهن جي نشاندهي 9 مئي جي واقعن جي رٿابندي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙن طور ڪئي آهي جوابدارن تي 9 مئي جي واقعن دوران باهه لڳائڻ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ پوليس تي حملا ڪرڻ ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ جا الزام آهن سزا کي منهن ڏيندڙ جوابدارن ۾ عمر ايوب، زرتاج گل مراد سعيد، شبلي فراز حماد اظهر ڪنول شوزب، شيخ رشيد شفيق، شهباز گل زلفي بخاري، محمد احمد چٺا، راءِ حسن نواز راءِ محمد مرتضيٰ شوڪت علي ڀٽي، عثمان سعيد بسرا ۽ اعجاز خان جازي شامل آهن ڊسمبر 2024 ۾ ان ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي سميت 118 جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هيستائين استغاثي جي 44 شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن 118 جوابدارن مان 18 ڄڻا مقدمي جي ٻڌڻي دوران مسلسل عدالت مان غير حاضر رهيا، جڏهن ته 29 جوابدار ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪڏهن به عدالت ۾ پيش نه ٿيا. دهشتگردي جي روڪٿام واري ايڪٽ جي قلم 21- L تحت 47 اشتهاري جوابدارن لاءِ هڪ الڳ مقدمو هلايو ويو هن سال 6 جنوري تي استغاثا انهن جوابدارن خلاف ڪارروائي شروع ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي جن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو هو جنهن تي عدالت جاچ جو حڪم ڏنو هڪ عدالتي جاچ دوران 47 اشتهاري ڏوهارين کي ڄاڻي واڻي مفرور قرار ڏنو ويو جاچ رپورٽ جي بنياد تي عدالت اخبارن ۾ عوامي نوٽس جاري ڪيو انهن 47 مفرور جوابدارن بابت هن سال 8 جنوري تي هڪ نوٽس شايع ڪيو ويو جنهن ۾ کين عدالت آڏو پيش ٿيڻ لاءِ ستن ڏينهن جي مهلت ڏني وئي هئي، تنهن هوندي به عدالتي حڪمن ۽ شايع ٿيل نوٽس جي باوجود، ڪو به جوابدار عدالت ۾ پيش نه ٿيو عدالت اشتهاري جوابدارن لاءِ سرڪاري وڪيل مقرر ڪيو ۽ مٿن الزام لاڳو ڪيا. استغاثا 19 شاهدن جا بيان عدالت ۾ قلمبند ڪرايا، جڏهن ته سرڪاري وڪيل استغاثا جي شاهدن تي جرح ڪئي 47 اشتهاري جوابدارن جي مقدمي جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد عدالت پنهنجو فيصلو ٻڌايو 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو (GHQ) تي حملي واري ڪيس ۾ ملوث سمورن اشتهاري جوابدارن جي مقدمي جي الڳ ٻڌڻي ڪئي وئي. 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو تي حملي بابت ڪيس آر اي بازار ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو

بقايا 2 روزاني عبرت

پابندي مڙهيل ڪيميڪل ميٿائل برومائيڊ درآمد ڪرڻ مبينا طور غلط معلومات جي بنياد تي سرڪاري اجازت ناما ۽ پرمٽ حاصل ڪرڻ ۽ اربين رپين جي درآمدي اسڪينڊل جي الزام ۾ پلانٽ پروٽيڪشن کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل سميت ڪيترن ئي آفيسرن ۽ خانگي ڪمپنين جي مالڪن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ايف آءِ اي جي داخل ڪيل ايف آءِ آر موجب مبينا طور آسٽريليا جي هڪ فرضي ۽ غير موجود ڪمپني جا جعلي ڪاغذ، ليٽر هيڊ ۽ ٻيا دستاويز استعمال ڪري ميٿائل برومائيڊ جي درآمد لاءِ لائسنس ۽ پرمٽ حاصل ڪيا ويا. جاچ دوران الزام سامهون آيو آهي ته درآمد ٿيندڙ ڪيميڪل اصل ۾ ڀارت جي رياست گوا ۾ قائم هڪ ڪارخاني ۾ تيار ٿيندو هو جنهن کي گڏيل عرب امارات جي جبل علي بندرگاهه ذريعي آسٽريليا ۾ ٺهيل ۽ تيار ٿيل ظاهر ڪري پاڪستان درآمد ڪيو ويو دستياب رڪارڊ موجب 31 مارچ 2022ع کان 10 مئي 2025ع تائين مجموعي طور 50 ڪيسن ۾ لڳ ڀڳ 830.5 ميٽرڪ ٽن ميٿائل برومائيڊ پاڪستان درآمد ڪيو ويو جنهن جي ظاهر ڪيل مجموعي ماليت 3 ارب 30 ڪروڙ 90 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي وئي آهي. معاملي ۾ اهم اڳڀرائي ان وقت ٿي، جڏهن ڪسٽمز اختيارين درآمد ٿيل ڪيميڪل جي سلينڊرن جي جسماني چڪاس ڪئي چڪاس دوران 32 سلينڊرن تي واضح طور "Made in India" لکيل مليو جنهن ڪانپوءِ ڪيميڪل کي آسٽريليا ۾ تيار ٿيل يا آسٽريليا مان درآمد ٿيل قرار ڏيڻ واري دعويٰ تي سنگين سوال اٿيا. اڳوڻن ۽ موجوده آفيسرن سميت ڪيترائي ماڻهو نامزد ايف آءِ آر ۾ پلانٽ پروٽيڪشن کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل محمد طارق خان ڊائريڪٽر رجسٽريشن ڊاڪٽر الله ڏنو عابد، ڊپٽي ڊائريڪٽر رجسٽريشن امتياز حسين اينٽومالوجسٽ سيد زمل حسين سينيئر ڪيمسٽ مس عمارل ڊپٽي ڊائريڪٽر رجسٽريشن مس زعيمه خان اينٽومالوجسٽ مس سويرا حمزه علي ۽ اڳوڻي ڊائريڪٽر ڊي پي پي سهيل شهزاد سميت ٻيا ماڻهو نامزد ڪيا ويا آهن خانگي شعبي مان ميسرز پيسٽ مينيجمينٽ سروسز جي ڊائريڪٽر فرقان احمد، ڊائريڪٽر ۽ بااختيار نمائندي عزير احمد ۽ ڊائريڪٽر سيد علي حيدر جڏهن ته ميسرز ڪمبائن ٽريڊنگ جي پروپرائيٽر شاهه محمد سعد ضياءَ ۽ ميسرز اي آر ڪي سروسز جي پروپرائيٽر عامر رشيد خان کي پڻ ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو آهي سنگين قلمن تحت ڪيس داخل ايف آءِ اي پاران نامزد جوابدارن خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلمن 409، 420، 467، 468، 471 ۽ 109، پريوينشن آف ڪرپشن ايڪٽ 1947ع جي دفعه 5(2) ۽ ڪسٽمز ايڪٽ 1969ع جي لاڳاپيل قلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايف آءِ اي موجب ڪيس جي جاچ دوران ڪسٽمز اختيارين، ڪليئرنگ ايجنٽن ۽ لاڳاپيل بئنڪن جي ڪردار جو به تعين ڪيو ويندو جڏهن ته درآمدي دستاويزن، پرمٽن، بئنڪنگ رڪارڊ، ڪمپنين جي تفصيلن ۽ ڪيميڪل جي اصل سڃاڻپ بابت ثبوتن جو جائزو ورتو ويندو جاچ ڪندڙ اختيارين اهو به معلوم ڪري رهيا آهن ته مبينا طور جعلي دستاويزن جي بنياد تي سرڪاري اجازت ناما ڪيئن حاصل ڪيا ويا ۽ درآمدي عمل جي مختلف مرحلن تي لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن ۽ خانگي ماڻهن جو ڪهڙو ڪردار رهيو ايف آءِ اي اختيارين موجب ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ تحقيقات مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ذميوار ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي اڳتي وڌائي ويندي جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد ماڻهن خلاف لڳايل الزام اڃا جاچ ۽ عدالتي ڪارروائي ذريعي ثابت ٿيڻا آهن

بقايا 3 روزاني عبرت

پيغام ۾ چيو ته الله تعاليٰ جو تمام وڏو احسان آهي جو پنهنجي محبوب نبي آخري الزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي سمورن جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو هن چيو ته رسول اڪرم ﷺ جي ولادت باسعادت حقيقت ۾ عالم انسانيت جي اهڙي روشن دور جي شروعات هئي جنهن جهالت جي اونداهي مان ڇوٽڪارو ۽ علم ۽ هدايت جي جي روشني نصيب ٿي. ظلم جو تدارڪ ۽ عدل ۽ انصاف جي لازوال داستان لکي ۽ طبقاتي ورڇ جي حوصلا شڪني ڪري اخوت، برابري ۽ ڀائيچاري جو فروغ ٿيو صدر چيو ته پاڻ ﷺ پنهنجي اسوهءِ حسنه سان قرآن تي تي عمل پيرا ٿي انفرادي ۽ اجتماعي ڀلائي ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو اهو انقلاب برپا ڪيو جنهن جو مثال نه ٿو ملي صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڻ ﷺ ثابت ڪيو ته هڪ صالح معاشري جو حصول اعليٰ فطري قدرن عدل، رحم احساس ذميواري کي اختيار ڪرڻ ۽ ارشاد باري تعاليٰ تي عمل ڪندي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو مظاهرو ڪرڻ سان عمل ۾ اچي ٿو هن چيو ته نبي ڪريم ﷺ جي سيرت طيبه اسان کي اهو درس ڏي ٿي ته انسانن جي وچ ۾ گڏيل احترام ۽ خيرسگالي جي جذبن کي فروغ ڏنو وڃي، پاڻ ﷺ معاشري ۾ ڪمزور ۽ محروم يتيم ۽ مسڪين ۽ ضرورتمند ماڻهن جي حقن جي حفاظت فرمائي ۽ پاڻ ۾ حسن سلوڪ ۽ ڀائيچاري جي تعليم ڏني صدر چيو ته 12 ربيع الاول جي گهرج آهي ته اسان عشق رسول ﷺ جو اظهار نبي ڪريم ﷺ جي سيرت ۽ سنت مبارڪ کي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي عمل ۾ اختيار ڪري سڄي دنيا جي انسانن لاءِ مثال بڻجون هن چيو ته بحيثيت امت محمدي ﷺ اسان تي لازم آهي ته پنهنجي معاشري ۾ عدل ۽ انصاف، برداشت، بين المسالڪ ۽ بين المذاهب هم آهنگي ۽ انساني وقار جي تحفظ جو عملي مظاهرو ڪريون صدر چيو ته نوجوان نسل کي سيرت طيبه مان رهنمائي حاصل ڪندي علم، بلند ڪردار، محنت ۽ انسانيت جي خدمت کي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائڻ گهرجي هن چيو ته آئون هن خوشي ۽ برڪتن واري موقعي تي مسلمان امت خاص طور تي پاڪستان جي عوام لاءِ دعاڳو آهيان ته الله تعاليٰ اسان کي رسول ڪريم ﷺ جي سچي محبت، پاڻ ﷺ جي اتباع ۽ پاڻ ﷺ جي اسوه حسنه تي عمل پيرا ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي اسان جي وطن کي امن استحڪام ۽ خوشحالي ڏي ۽ پوري انسانيت جي لاءِ خير ۽ سلامتي جو ذريعو بڻائي

بقايا 4 روزاني عبرت

طوفاني واچوڙي سبب 26 ڄڻا زخمي ۽ 100 گهر متاثر ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب ڪارڪوسون ريجهو هڪ علائقي پوماس ۾ 100 گهرن کي نقصان پهتو آهي واقعي کان پوءِ 115 کان به وڌيڪ فائر فائٽرز کي امدادي ڪارروائين لاءِ موڪليو ويو آهي. حڪومتي نمائندي ٻڌايو ته امدادي ڪارروايون جاري آهن. زخمين جي حالت ڀلي جوڳي آهي پنجن زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته اربن سرچ اينڊ ريسڪيو جا 14 ماهر ۽ تربيت يافته ڪتن تي ٻڌل يونٽ به امدادي ڪارروائين ۾ حصو وٺي رهيو آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

رائيونگ صوبي جي ضلع نيڪوم ٿنانا ۾ فائرنگ جي هڪ واقعي ۾ 2 ماڻهو فوت ۽ 2 زخمي ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق شروعاتي طور پوليس جاچ جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته هڪ شخص پاڻي خريدڻ دوران روڊ ڪناري واقع هڪ دڪان جي مالڪ سان بحث ڪرڻ لڳو بعد ۾ هو هٿيار کڻي واپس آيو ۽ فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ دڪان جو مالڪ، جنهن جي عمر 40 سال جي لڳ ڀڳ هئي ۽ ان جو 33 سالا دوست موقعي تي مارجي ويو جڏهن ته 2 ماڻهو زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي فائرنگ کان پوءِ شڪي شخص گاڏي ۾ سوار ٿي فرار ٿي ويو پر بعد ۾ پوليس کيس گرفتار ڪري ورتو واقعي جو سبب ۽ ٻيا تفصيل ڄاڻڻ لاءِ جاچ جاري آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪائونسل جي سيڪريٽري ۽ اڳوڻي ايراني سپريم ليڊر شهيد آيت الله علي خامنه اي جي نمائندي محسن رضائي سان ملاقات ڪئي جنهن کي واضح ۽ فيصلائتي قرار ڏنو ويو آهي ملاقات دوران پاڪستاني آرمي چيف ايران تي زور ڏنو ته هو پنهنجي حمايت يافته پراڪسي گروهن جا حملا ختم ڪري ۽ جون ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ طئي ٿيل اسلام آباد مفاهمتي يادداشت (ايم او يو) ڏانهن واپس اچي، چاڪاڻ ته ٻنهي ڌرين طرفان ان مفاهمت کي متاثر ڪيو ويو آهي ذريعن موجب ايران طرفان آمريڪي آڇ جي آجيان ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ان معاملي تي ٽيڪنيڪل سطح جون ڳالهيون پڻ جاري آهن آمريڪا ۽ ايران ٻنهي طرفان ان حوالي سان باضابطا اعلان جلد متوقع آهي. هن اڳڀرائي ذريعي پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ٻنهي ملڪن کي ٻيهر ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جڏهن ته اسلام آباد جي ڪوشش آهي ته خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جو خاتمو اچي ۽ امن جي راهه هموار ٿئي جڏهن ته چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو ايران جو هڪ ڏينهن جو دورو مڪمل ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب هي دورو آمريڪا-ايران تڪرار جي ڏس ۾ خطي ۾ ڊگهي مُدي واري امن ۽ عدم استحڪام جي مستقل خاتمي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوششن جو حصو هو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان گهرو وزير محسن نقوي به گڏ هو فيلڊ مارشل ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سپريم ليڊر جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل بابت نمائندي محسن رضائي، پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف، پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني سان اهم ملاقاتون ڪيون ملاقاتن دوران تڪرار کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪڻ، آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ ۽ تڪرار جي فوري خاتمي جي قدمن تي ڌيان ڏنو ويو ٻنهي ڌرين علائقائي امن ۽ تڪرارن کي ڳالهين وسيلي حل تائين پهچڻ جي طريقن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايراني قيادت ڳالهين جي فروغ، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ تڪرار جي پرامن حل کي آسان ۾ سهولت ڪاري جي لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار ۽ مخلصاڻين ڪوششن کي ساراهيو ايران پهچڻ تي فيلڊ مارشل جو استقبال ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني ۽ ٻين اعليٰ ايراني سول ۽ فوجي عملدارن ڪيو ايراني خابرو اداري تسنيم هڪ باخبر ذريعي حوالي سان دعويٰ ڪئي آهي ته پاڪستاني فوج جو سربراهه فيلڊ مارشل عاصم منير پنهنجي تازي ايراني دوري دوران آمريڪا طرفان ڪو به ڌمڪائيندڙ يا اهڙي نوعيت جو پيغام کڻي نه آيو هو تسنيم نيوز موجب، ايراني ڳالهين واري وفد جي ويجهو سمجهيو ويندڙ ذريعي چيو ته ميڊيا جي ڪجهه دعوائن جي ابتڙ عاصم منير جو مقصد ڳالهين لاءِ رستو هموار ڪرڻ ۽ ايران جو موقف ۽ شرطون آمريڪي ڌر تائين پهچائڻ هو ذريعي موجب، آبناءِ هرمز بابت ايران جو موقف ۽ شرطون پاڪستان ذريعي واضح طور تي آمريڪا تائين پهچايون ويون آهن هن چيو ته ايراني شرطن ۾ آمريڪا جو اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ڏانهن واپسي ۽ ان جي شقن تي عملدرآمد شامل آهي، جنهن ۾ آرٽيڪل 5 تحت آبناءِ هرمز بابت ايراني انتظامن جو به ذڪر آهي ان کان اڳ وفاقي وزير گهرو معاملن محسن نقوي، جنهن فيلڊ مارشل عاصم منير سان گڏ ايران جو دورو ڪيو ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان ملاقات کي انتهائي هاڪاري ۽ تعميري قرار ڏنو پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر به فيلڊ مارشل عاصم منير جي هڪ ڏينهن واري ايراني دوري جي پڄاڻيءَ تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو هو ته "ايراني اعليٰ اختيارين سان ڳالهين جو مرڪز آبناءِ هرمز کي کولڻ ۽ تڪرار جي خاتمي واري عمل کي تيز ڪرڻ هو". گهرو وزير محسن نقوي جو چوڻ آهي ته ايراني صدر پنهنجي حڪومت جو موقف ۽ خدشا کليل نموني اسان آڏو رکيا، جڏهن ته لاڳاپيل معاملن تي اسان وچ ۾ تعميري ۽ لاڀائتي ڳالهه ٻولهه ٿي. هن چيو ته ملاقات دوران اهم اڳڀرائي ٿي ۽ انتهائي هاڪاري ماحول ۾ ڳالهين جي پڄاڻي ٿي هن اميد ظاهر ڪئي ته اها اڳڀرائي مستقبل ۾ وڌيڪ هاڪاري قدمن لاءِ راهه هموار ڪندي ۽ خطي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ان کان اڳ ايراني ميڊيا ايراني صدر ۽ چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جي ملاقات جو حوالو ڏيندي چيو هو ته مسعود پزشڪيان آمريڪي حڪومت تي زور ڏنو آهي ته هو ايران بابت پنهنجو "لهجو ۽ طور طريقو" تبديل ڪري ۽ چيو آهي ته دٻاءُ زبردستي ۽ ڌمڪي واري پاليسين سان معاملن جي حل بدران پيچيدگيون وڌنديون ايراني ميڊيا موجب، صدر پزشڪيان چيو ته واشنگٽن کي قانون جي حڪمراني عالمي اصولن ۽ اسلام آباد ۾ طئي ٿيل مفاهمتي يادداشت تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ گهرجن سنڌس چوڻ هو ته ايران سان معاملن ۾ هاڪاري اڳڀرائي لاءِ آمريڪا کي پنهنجي روئي ۾ تبديلي آڻڻي پوندي

بقايا 7 روزاني عبرت

نوٽ مرحليوار ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ، جڏهن ته اسٽيٽ بئنڪ اختيارين

گمبٽ لڳ ٽي ڏينهن اڳ قتل ٿيل انجنيئر فيصل گلزار پٽو جي وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

پٽا برادري جي عورتن ۽ مردن شاهه حسين باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هڻي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

ٽي ڏينهن گذري ويا آهن پر ڪوٽڏيجي پوليس نوجوان جي قاتلن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي: مظاهرين

قومي شاهراهه تي ست ڪلاڪ ڌرڻي بعد ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ پهچي ڳالهيون ڪري روڊ کولرايو

خيرپور/گمبٽ (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور ۽ مريد حسين ٽانوري) گمبٽ لڳ ٽي ڏينهن اڳ ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد حسين آباد اسٽاپ وٽ نامعلوم هٿياربندن ڦر مزاحمت دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ قتل ٿي ويل انجنيئر فيصل گلزار پٽو واري واقعي خلاف پٽا برادري جي عورتن ۽ مردن پاران شاهه حسين باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هڻي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي سجاد پٽو ساگر پٽو پرويز پٽو جاويد پٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽي ڏينهن گذري ويا آهن پر انجنيئر فيصل گلزار پٽو کي بيگناهه ۽ بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي پر ڪوٽڏيجي پوليس هن مهل تائين قاتل گرفتار ڪري نه سگهي آهي مقتول فيصل گلزار پٽو جي وارثن وزيراعلاءِ سنڌ سيد مراد علي شاهه سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار آئي جي سنڌ ۽ ٻين وسارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور فيصل گلزار پٽو جي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، لڳل ڌرڻي تي ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ ۽ ايس ايس پي خيرپور ميرس امير سعود مگسي ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ پهچي ڏوهارين ڦر دوران مزاحمت تي قتل ٿي ويل انجنيئر فيصل پٽو جي وارثن سان ڳالهيون ڪيون ۽ وارثن ڪوٽڏيجي پوليس جي نااهلي جي ورثاءَ بابت ڊي آءِ جي سکر کي ٻڌائي جنهن ڪانپوءِ ڊي آءِ جي سکر وارثن کي يقين ڏياريو ته مان پاڻ جاچ جي نگراني ڪيان ٿو ۽ فرض ۾ ڪوتاهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪندس ۽ قاتلن کي گرفتار ڪري ڏيکاريندس ڊي آءِ جي سکر سان گڏ ايس ايس پي خيرپور ميرس امير سعود مگسي به گڏ هو قتل ٿي ويل انجنيئر فيصل پٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ لڳل ڌرڻو ستن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ جي مداخلت تي ختم ڪيو ويو ۽ شاهه حسين قومي شاهراهه روڊ کي ٻنهي طرفن کان کوليو ويو .

عوام کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: ناصر شاهه

ٽائونز وچ ۾ مليچنگ اينمل ٽيڪس جي اوڳاڙي بابت پيدا ٿيل مسئلا پڻ جلد حل ڪيا ويندا

عوام کي سندن دروازي تائين موثر ۽ بروقت بلدياتي سهولتون پهچائڻ لاءِ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ ناگزير آهي

چاڪاڻ ته مضبوط ۽ بااختيار مڪاني حڪومت ئي عوامي مسئلن جي فوري حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي لوڪل گورنمينٽ ڪميشن جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ مختلف ٽائونز سان لاڳاپيل معاملن عوامي سهولتن جي فراهمي ٽيڪس اوڳاڙي بابت تڪرارن ۽ بلدياتي نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، ڪميشن جي چيئرمين رحيم سومرو، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر امداد پتافي ۽ مختلف ٽائونز جا چيئرمين شرڪت ڪئي اجلاس دوران مختلف ٽائونز وچ ۾ ٽيڪس اوڳاڙي جي حوالي سان پيدا ٿيل تڪرارن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته لاڳاپيل ڌرين جا موقف ۽ دليل پڻ ٻڌا ويا. صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه چيو ته عوام کي سندن در تائين بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ٽائونز کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ان لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ چونڊيل بلدياتي نمائندن وچ ۾ موثر سهڪار ضروري آهي. هن چيو ته ٽائونز وچ ۾ مليچنگ اينمل ٽيڪس جي اوڳاڙي بابت پيدا ٿيل مسئلا پڻ جلد حل ڪيا ويندا، جيئن ٽيڪس اوڳاڙي جو نظام بهتر بڻائي سگهجي ۽ لاڳاپيل بلدياتي ادارن کي پنهنجا وسيلا موثر نموني استعمال ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. ناصر حسين شاهه چيو ته عوام کي سندن دروازي تائين موثر ۽ بروقت بلدياتي سهولتون پهچائڻ لاءِ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ ناگزير آهي، چاڪاڻ ته مضبوط ۽ بااختيار مڪاني حڪومت ئي عوامي مسئلن جي فوري حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. صوبائي وزير واضح ڪيو ته ٽائونز وچ ۾ ڪنهن به قسم جي تڪرار جو فيصلو قانون، حقيقتن ۽ ميرٽ جي بنياد تي شفاف طريقي سان ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ڌر سان ناانصافي ٿيڻ نه ڏني ويندي. هن چيو ته عوامي مفاد سان لاڳاپيل معاملن ۾ غيرضروري دير جي ڪا گنجائش ناهي. ٽائونز جا مسئلا حل ٿيڻ سان شهرين کي بلدياتي سهولتن جي فراهمي وڌيڪ بهتر ٿيندي ۽ مقامي حڪومتن جي ڪارڪردگي ۾ پڻ بهتري ايندي. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ويو ته ٽائونز پنهنجي دستياب وسيلن کي موثر نموني استعمال ڪندي صفائي، نيڪال، ٽيڪس اوڳاڙي ۽ ٻين بنيادي شهري سهولتن جي فراهمي کي بهتر بڻائين. جڏهن ته باهمي تڪرارن کي ڳالهين ۽ قانوني طريقيڪار تحت جلد حل ڪيو وڃي. ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت بلدياتي نظام کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ سان گڏ عوامي مسئلن جي فوري حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. سمورن تڪرارن جا فيصلا ميرٽ ۽ شفافيت جي اصولن موجب ڪيا ويندا.

موجب نون ڪرنسي نوٽن جا ڊزائن فائنل ڪيا پيا وڃن سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ خزاني بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن دوران چيئرمين ڪميٽي چيو ته ٻه سال اڳ هن اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر کي 5 هزار رپين جا 3 نوٽ ڏنا هئا، جن مان هڪ جعلي هو پر اسٽيٽ بئنڪ اختيارين جعلي نوٽ جي سڃاڻپ نه ڪري سگهيون هن چيو ته اسٽيٽ بئنڪ اختيارين ٻن سالن ڪانپوءِ به 5 هزار رپين جا اهي ٽيئي نوٽ واپس ناهن ڪيا، سليم مانڊوي والا جي جملي تي ڪميٽي ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. سليم مانڊوي والا چيو ته نون ڪرنسي نوٽن جي ڊزائن جي صلاحڪار کي ڇپائيءَ جو ٺيڪو ڏنو ويو آهي. جڏهن ته اسٽيٽ بئنڪ ٻن سالن کان نوان ڪرنسي نوٽ تيار نه ڪري سگهيو آهي. هن طنزيه انداز ۾ چيو ته اسٽيٽ بئنڪ جي حالت ته حڪومت کان به خراب آهي اسٽيٽ بئنڪ اختيارين ٻڌايو ته 5 هزار رپين جو نوٽ 20 سال اڳ تيار ڪيو ويو هو ۽ هاڻي ايندڙ 20 سالن لاءِ نئين نوٽ جو ڊزائن تيار ڪيو پيو وڃي اختيارين موجب، 10 رپين جو نوٽ ختم ڪرڻ جي تجويز آهي چاڪاڻ ته ان جي تياريءَ تي لاڳت وڌيڪ اچي ٿي. ڪميٽي جي ميمبر انوشا رحمان سوال ڪيو ته اسٽيٽ بئنڪ هٿرادو ذهانت واري ٽيڪنالوجي (اي آءِ) جو استعمال ڇو نٿو ڪري؟ هن چيو ته اسٽيٽ بئنڪ ڪابينا جي هڪ ماتحت ڪميٽي کان ڊزائن منظور ڪرائي رهي آهي اهڙي طريقي سان ڪم ڪرڻ سان وڌيڪ وقت لڳندو سليم مانڊوي والا چيو ته جنهن رفتار سان ڪم هلي رهيو آهي لڳي ٿو ته ڪميٽي جي مدي ختم ٿيڻ تائين به نوان نوٽ تيار نه ٿيندا اسٽيٽ بئنڪ اختيارين ٻڌايو ته ڪابينا ڪميٽي نون ڪرنسي نوٽن جا ڊزائن فائنل ڪري رهي آهي جڏهن ته 10 رپين جو نوٽ مرحليوار ختم ڪيو پيو وڃي، نون ڪرنسي نوٽن ۾ سيڪيورٽي فيچرز پڻ شامل ڪيا پيا وڃن اختيارين موجب، 5 هزار ۽ هڪ هزار رپين جي نوٽ جي تياريءَ تي 14 رپيا لاڳت اچي ٿي

بقايا 8 روزاني عبرت

ﷺ رحمت، محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام آهي پنهنجي بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته خاتم النبيين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ولادت باسعادت پوري انسانيت لاءِ رحمت ۽ هدايت جو پيغام آهي نبي ڪريم ﷺ جي سيرتِ طيبه محبت، برداشت، عدل برابري ۽ انسانيت جي خدمت جو عملي نمونو آهي هن چيو ته رسولِ اڪرم ﷺ معاشري جي ڪمزور طبقن جي حقن جي تحفظ، ڀائيچاري، رواداري ۽ هڪ ٻئي جي احترام کي هٿي ڏني ۽ انسانيت کي امن انصاف ۽ حسنِ اخلاق جو درس ڏنو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اڄ جي دور ۾ اسان کي سيرتِ نبوي ﷺ جي رحمت ۽ محبت واري پيغام کي عام ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. اسان کي پنهنجي زندگين ۾ نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات تي عمل ڪندي معاشري ۾ امن برداشت اتحاد ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ گهرجي سينيئر وزير چيو ته پاڪستان سميت پوري امت مسلم کي هن بابرڪت موقعي تي اتحاد اتفاق ۽ هڪ ٻئي جي احترام جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ عيد ميلاد النبي ﷺ جي برڪت سان ملڪ ۽ قوم ۽ پوري امت مسلم کي امن خوشحالي ۽ ترقي عطا فرمائي

بقايا 9 روزاني عبرت

جي صدر ڪامران رضوي، عهديدارن ۽ ميمبرن پاران سندس آجيان ڪئي وئي ان موقعي تي اطلاعات واري سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ ايس پي آر اي جي عهديدارن ۽ سينيئر صحافين سان ملاقات ڪئي ۽ صحافتي برادري کي درپيش مسئلن پيشوراڻي معاملن صحافين جي ڀلائي ۽ تربيت بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڪاشف گلزار شيخ چيو ته سنڌ، خاص طور تي ڪراچي ۾ صحافين کي پيش ايندڙ مسئلن جي حل ۽ سندن پيشوراڻي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ اطلاعات کاتي ۽ صحافتي برادري وچ ۾ موثر رابطي ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته صحافي جمهوري نظام جو اهم حصو آهن ۽ عوام تائين صحيح ۽ بروقت معلومات پهچائڻ ۾ صحافين جو اهم ڪردار آهي اطلاعات کاتو صحافين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ صحافتي تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪندو هن وڌيڪ چيو ته اطلاعات کاتو ۽ سنڌ پارليامائي رپورٽرز ايسوسيئيشن صحافين جي ڀلائي پيشوراڻي تربيت ۽ صلاحيتن ۾ اضافي سان گڏوگڏ کين درپيش مسئلن جي حل لاءِ گڏيل قدم کڻندا. صحافين جي پيشوراڻي تربيت لاءِ مختلف پروگرام ۽ ورڪشاپون پڻ منعقد ڪرڻ تي غور ڪيو ويندو ان موقعي تي ايس پي آر اي جي صدر ڪامران رضوي اطلاعات واري سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ جي دوري جي آجيان ڪندي چيو ته صحافتي برادري ۽ اطلاعات کاتي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ سان صحافين جا مسئلا بهتر نموني حل ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته پارليامائي رپورٽرز سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائين، قانونسازي ۽ عوامي مسئلن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن صحافين جي پيشوراڻي تربيت ۽ سهولتن لاءِ اطلاعات کاتي جو سهڪار انتهائي اهم آهي ملاقات دوران صحافين جي فلاح ۽ ڀلائي، پيشوراڻي تربيت، سنڌ اسيمبلي جي ڪوريج دوران صحافين کي پيش ايندڙ مسئلن ۽ اطلاعات کاتي ۽ صحافتي برادري وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ موثر بڻائڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ڊائريڪٽر اطلاعات يوسف ڪابوري ايس پي آر اي جو صدر ڪامران رضوي، حميد سومرو، اڪرم بلوچ، دودو چانڊيو سنجي سادواڻي، راڻو وڪيل ارباب چانڊيو راهب ڳاهو اڪبر جعفري، سيد موسيٰ رضا، محمد فاروق راجپوت، بشير سنجراڻي، وحيد گل ميمڻ، قادر جمالي سميت سينيئر صحافي ۽ ايسوسيئيشن جا ٻيا عهديدار ۽ ميمبر پڻ موجود هئا.

بقايا 10 روزاني عبرت

ﷺ جي ذات پاڪ ايمان علم اخلاق ۽ عدل تي ٻڌل هڪ مڪمل ۽ مثالي ضابطه حيات جو پيغام عالم انسانيت تائين پهچايو 12 ربيع الاول 1448هه جي مناسبت سان پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هو 12 ربيع الاول 1448هه جي بابرڪت ڏينهن تي پاڪستان ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ مسلمانن کي سيد الانبياءِ خاتم النبيين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ولادت باسعادت تي دلي مبارڪباد ۽ عقيدت جو اظهار پيش ڪري ٿو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته حضور ﷺ جي ذات پاڪ ايمان علم اخلاق ۽ عدل تي ٻڌل هڪ مڪمل ۽ مثالي ضابطه حيات جو پيغام عالم انسانيت تائين پهچايو هن چيو ته هن سال قومي سطح تي اسان ان مبارڪ ڏينهن کي "نئين نسل جو تحفظ، تعبير ۽ ڪردار سيرت النبي جي روشني" جي عنوان هيٺ ملهائي رهيا آهيون نوجوان نسل جي بهترين ڪردارسازي جي لاءِ اسان کي سچائي، ديانت، محنت، نظم ۽ ضبط، قانون جي پاسداري ۽ احساسِ ذميواري جهڙا اسلامي شعار انهن جي تربيت ۾ شامل ڪرڻا پوندا ته جيئن اهي سيرت رسول ﷺ جي روشني سان منور ۽ علم ۽ تحقيق، محنت ۽ خدمت جي جذبن سان سرشار ٿي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ موثر ڪردار ادا ڪري سگهن وزيراعظم چيو ته رسول الله ﷺ جي بعثت انساني معاشري کي اسلامي تعليم جي روشني ۾ هڪ نئين رخ کان متعارف ڪرايو پاڻ ﷺ مڪ مڪرمه ۾ توحيد، تقويٰ ۽ اخلاقي پاڪيزگي جهڙن قدرن جي ذريعي دائمي اصلاح جو بنياد رکيو ۽ مدينه منوره ۾ عملي طور تي عدل ۽ برابري، قانون جي بالادستي انساني حقن ۽ فرضن کان آگاهه اسلامي معاشرو قائم ڪيو وزيراعظم چيو ته اسوه حسنه ﷺ سمورن مسلمانن جي ديني ۽ دنياوي اصلاح ۽ فلاح ۽ مثالي ڪاميابي جي لاءِ مشعل راهه آهي يقيني طور تي رسول الله ﷺ جي ذات مبارڪ دين اسلام جي تعليم جو بهترين نمونو آهي جنهن جي گواهي قرآن پاڪ ۾ موجود آهي سيرت النبي ﷺ بني نوع انسان جي لاءِ صدين کان هر دور جي بدلجندڙ گهرجن جي باوجود ڪامل رهنمائي جو سرچشمو آهي وزيراعظم چيو ته حضور اڪرم ﷺ انساني شعور کي اوج ڪمال بخشيو ۽ انسانن جي ذهني ۽ اخلاقي نشونما ۽ انفرادي ۽ اجتماعي زندگين جي هدايت يافته راهه متعين ڪئي شخصي ۽ سماجي ڪردارسازي سيرت نبوي ﷺ جي پيغام جو اهم ٿنڀ آهي هن چيو ته موجوده دور ۾ درپيش معاشي ۽ معاشرتي ۽ اخلاقي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي اجتماعي زندگي جو ڪامل هدايت جي تابع آڻڻو پوندو اهو ئي اسان جي ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي اڄ جو هي مبارڪ ڏينهن اسان کي معاشري ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي، بين المسالڪ هم آهنگي ۽ بين المذاهب احترام جي فروغ جي تاڪيد پڻ ڪري ٿو ڇو ته گڏيل اختلاف کي دشمني ۾ تبديل ڪرڻ بدران ڳالهه ٻولهه، برداشت ۽ گڏيل احترام ئي اسوه رسول ﷺ جي سنهري اصولن موجب هڪ مضبوط ۽ پرامن معاشري جو بنياد آهي. وزيراعظم چيو ته اچو هن مبارڪ ڏينهن تي اسان اهو وچن ڪريون ته اسان سيرت طيبه کي پنهنجي ڪردار، انفرادي روين ۽ اجتماعي طرزعمل ۾ اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ پاڪستان کي هڪ مضبوط، خوشحال، پرامن ۽ فلاحي رياست بڻائڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين

بقايا 11 روزاني عبرت

پرڏيهي خابرو اداري مطابق اختيارين ٻڌايو آهي ته باهه تي 27 سيڪڙو ضابطو آندو ويو آهي هاڪ فائر نالي اها باهه رينو جي پسگردائي واري جابلو علائقي ۾ لڳي آهي شروعاتي جائزي مطابق باهه سبب 32 گهر تباهه ۽ 6 گهرن کي نقصان پهتو آهي. فائر چيف خبردار ڪيو آهي ته متاثر هنڌن جي انگ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي سگهي ٿو اختيارين مطابق باهه چنچر کان تيزي سان پکڙجي رهي آهي ۽ تازي اندازي مطابق هيستائين 6 هزار هيڪٽرز کان وڌيڪ ايراضي سڙي رک ٿي وئي آهي ان واقعي ۾ 7 ماڻهو زخمي ٿيا آهن جنهن ۾ 3 فائر فائٽرز به شامل آهن

بقايا 12 روزاني عبرت

يونيورسٽي سکر ۾ سينٽرل لائبريري جو افتتاح ڪيو. يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر ڊزائن اينڊ هيريٽيج سکر جي سينٽرل لائبريري جو افتتاح سنڌ حڪومت جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز واري وزير محمد اسماعيل راهو ڪيو ان موقعي تي يونيورسٽي پاران پنهنجي نئين ويب سائيٽ ۽ "آرڙ ڪيريئر ڪنيڪٽ پورٽل" جو پڻ آغاز ڪيو ويو جنهن جو مقصد شاگردن ۽ ايلومنائي لاءِ ڪيريئر جي موقعن بابت ڊجيٽل سهولتون فراهم ڪرڻ آهي تقريب ۾ سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز محمد عباس بلوچ سميت يونيورسٽي جا عملدار، ميڊيا نمائندا ۽ شاگرد پڻ موجود هئا

بقايا 13 روزاني عبرت

کاتي سنڌ عالمي تعليمي مقابلن ۽ سرٽيفڪيشن لاءِ 60 ملين رپين جي معاونت حاصل ڪري ورتي آهي ان سلسلي ۾ تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جي اڳواڻي ۾ اسڪول ايجوڪيشن کاتي سنڌ، سنگاپور انٽرنيشنل ماسٽري ڪانٽسٽس سينٽر (SIMCC) ۽ انٽرنيشنل ڪانٽسٽس اينڊ اسيسمينٽس (ICA) وچ ۾ ليٽر آف انڊراسٽينڊنگ (LOU) تي صحيحون ڪيون ويون تقريب ۾ اسڪول ايجوڪيشن واري سيڪريٽري زاهد علي عباسي اسپيشل سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنگاپور انٽرنيشنل ماسٽري ڪانٽسٽس سينٽر جي صدر هينري اونگ، انٽرنيشنل ڪانٽسٽس اينڊ اسيسمينٽس جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مخدوم حسين ڀٽي، شاگردن ۽ سندن والدين شرڪت ڪئي ان موقعي تي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته هي قدم سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي باصلاحيت شاگردن کي دنيا سان ڳنڍڻ جي حوالي سان اهم اڳڀرائي آهي هن چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي شاگردن جون صلاحيتون عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ معاونت حاصل ڪرڻ هڪ وڏو سنگ ميل آهي سيد سردار علي شاهه چيو ته سنگاپور انٽرنيشنل ماسٽري ڪانٽسٽس سينٽر دنيا جي شاگردن لاءِ بين الاقوامي تعليمي مقابلن جو هڪ معتبر پليٽ فارم آهي. جيڪو شاگردن جي تعليمي صلاحيتن کي عالمي معيار تي پرکڻ سان گڏ کين اسڪالرشپس، پورٽ فوليو ڊاهڻ ۽ مستقبل جي ڪيريئر جي موقعن سان ڳنڍي ٿو هن چيو ته شاگردن جي صلاحيتن کي عالمي معيار تي جانچڻ ۽ کين اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ SIMCC جو بنيادي مقصد آهي رياضي، سائنس، ڪمپيوٽر، مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي ۽ فنون سميت مختلف شعبن ۾ عالمي مقابلا منعقد ڪيا ويندا آهن انٽرنيشنل ڪانٽسٽس اينڊ اسيسمينٽس پاڪستان ۾ شاگردن کي عالمي تعليمي مقابلن ۽ اسيسمينٽس سان ڳنڍڻ وارو اهم پليٽ فارم آهي. جنهن جو مقصد پاڪستاني شاگردن کي عالمي معيار جي تعليمي مقابلن ۾ شرڪت جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي ايس آءِ ايم سي سي SIMCC جي ڪيترن ئي عالمي مقابلن ۾ پاڪستاني شاگردن جي شرڪت ICA ذريعي ممڪن بڻائي ويندي آهي جڏهن ته پاڪستاني شاگردن کي عالمي اولمپيادز ۽ ٻين بين الاقوامي تعليمي مقابلن ذريعي مختلف ملڪن جي باصلاحيت شاگردن سان مقابلو ڪرڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪيو ويندو سنگاپور انٽرنيشنل ماسٽري ڪانٽسٽس سينٽر جي صدر هينري اونگ چيو ته مقابلن سان گڏ شاگردن ۽ استادن لاءِ معياري تعليمي ڪتاب، تدريسي وسيلا ۽ رهنمائي پڻ فراهم ڪئي ويندي هن چيو ته هر سال نجي اسڪولن جا شاگرد عالمي مقابلن ۾ حصو وٺندا رهيا آهن پر هاڻي پهريون ڀيرو سرڪاري اسڪولن جي شاگردن لاءِ پڻ اهڙا موقعا ۽ معاونت فراهم ڪئي ويندي هن ٻڌايو ته SIMCC پاران پاڪستان جي شاگردن لاءِ مختص 174 ملين رپين جي گرانٽ مان سنڌ لاءِ 60 ملين رپين جي معاونت مختص ڪئي وئي آهي آءِ سي اي ICA جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مخدوم حسين ڀٽي چيو ته انٽرنيشنل ڪانٽسٽس اينڊ اسيسمينٽس پاڪستاني شاگردن کي مقامي ڪلاس روم کان عالمي تعليمي مقابلن تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي سيد سردار علي شاهه چيو ته ڪوشش هوندي ته عالمي مقابلن ذريعي سنڌ جي ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن جي باصلاحيت ٻارن کي پڻ اڳتي اچڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن هن چيو ته بين الاقوامي مقابلن جا نتيجا شاگردن جي تعليمي صلاحيتن، مضبوط پاسن ۽ انهن شعبن جي نشاندهي ۾ مددگار ثابت ٿيندا، جتي وڌيڪ بهتري جي ضرورت آهي هن چيو ته ڪيترائي ٻار صلاحيتون رکڻ باوجود موقعا نه ملڻ سبب پوئتي رهجي وڃن ٿا، جڏهن ته هر ٻار ۾ ڪا نه ڪا نمايان صلاحيت موجود هوندي آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن تقريب دوران آغا خان اسڪول بڪين هائوس اسڪول ۽ ٻين نجي اسڪولن جي انهن شاگردن کي پڻ ساراهيو ويو جن عالمي سطح تي نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آخر ۾ تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه عالمي سطح تي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ سندن حوصلا افزائي ڪئي

THE HIGH COURT OF SINDH, KARACHI

No. HC/I.T./00634(I.T. DEPT.)

Karachi, Dated: 20-08-2026

ADVERTISEMENT

Applications are invited to fill up the following vacant posts at **High Court of Sindh, Principal Seat at Karachi, Bench at Sukkur, Circuit Courts at Hyderabad, Larkana & Mirpurkhas** from the candidates who are between age of **18 and 28 years,** having Domicile of Sindh and fulfill the requirements/criteria mentioned against each post.

S. No.	Title of Posts	No. of Posts	Place of Posting	Qualification	Experience / Expertise
1	Electronic Technician (BPS-14)	01	Karachi	Graduate having HEC recognized Degree: BS/BE (Information Technology 'IT' / Computer Science 'CS' / Computer System 'CS'/ Electronics)	1. Two (02) years' hands-on experience in Electronic Circuitries, including its repairing and assembling, with an Experience Certificate is mandatory. 2. Experience in repair and maintenance of Photocopiers / Scanners / CCTV-related items / Fax Machines / MFPs / Computers / PA / Sound Systems / PABX Systems OR any other relevant experience will be preferred.
2	Junior Computer Operator (BPS-13) (Day/Night Shift Duty)	03	Karachi	Minimum 2nd Class Intermediate in Computer Science OR Intermediate in Pre- Engineering / Pre-Medical with Diploma in Information Technology 'IT'/Computer Science 'CS'/Hardware OR Diploma of Associate Engineering 'DAE' in Certificate in Information Technology 'CIT' / Information Technology 'IT' / Computer Science 'CS'	1. Minimum One (01) year of relevant experience. Experience Certificate is mandatory. 2. Certification in MS Office / Oracle Database OR any other relevant field will be preferred.
		01	Larkana		
		01	Hyderabad		
3	Junior Hardware / Network Technician (BPS-13) (Day/Night Shift Duty)	07	Karachi	Minimum 2nd Class Intermediate in Computer Science OR Intermediate in Pre- Engineering / Pre-Medical with Diploma in Information Technology 'IT'/ Computer Science 'CS' / Hardware OR Diploma of Associate Engineering 'DAE' in Certificate in Information Technology 'CIT'/ Electronics	1. Minimum One (01) year of relevant experience. Experience Certificate is mandatory. 2. Certification in Computer Hardware / Network Switches / Routers OR any other relevant field will be preferred.
		01	Sukkur		
		01	Larkana		
		01	Hyderabad		
4	I.T. Archiver (BPS-07) (Day/Night Shift Duty)	05	Karachi	Minimum 2nd Class Intermediate in Computer Science OR Intermediate in Pre- Engineering / Pre-Medical with Diploma in Information Technology 'IT'/ Computer Science 'CS' OR Diploma of Associate Engineering 'DAE' in Certificate in Information Technology 'CIT'/Electronics	1. Minimum One (01) year of relevant experience. Experience Certificate is mandatory. 2. Certification in MS Office, Oracle Database OR any other relevant field will be preferred
		01	Sukkur		
		01	Hyderabad		
		01	Mirpurkhas		
5	Junior Electro / Mechanical Technician (BPS-07)	02	Karachi	Matric (Science) with Diploma of Associate Engineering 'DAE' (Electronics / Certificate in Information Technology 'CIT' / Computer Science 'CS' / Mechanical) Intermediate (Science) with Diploma in Information Technology 'IT'/ Computer Science 'CS'/ Electronics / Hardware Repairing	1. One (01) years' hands-on experience in Electronic Circuitries, including its repairing and assembling, with an Experience Certificate is mandatory. 2. Experience in repair and maintenance of Photocopiers/Scanners/CCTV-related items / Fax Machines / MFPs / Computers / PA / Sound Systems / PABX Systems OR any other relevant experience will be preferred.

20/8/2026

PROCEDURE TO SUBMIT APPLICATION:-

1. The candidates are required to submit their applications online through the STS Portal: **https://apply.sts.net.pk** (Manual applications shall not be accepted).
2. Candidates must upload their **CNIC (front and back), domicile, PRC/Form-D, a recent photograph, and all academic documents including percentage/marksheet from the respective university, experience certificate/letter, NOC (for government servant, who apply through proper channel)**. Additionally, any required certifications must also be uploaded to the STS portal when applying online.
3. After completed the online application, candidates can download a system-generated challan of **Rs.1500/=** (Rupees Fifteen Hundred Only). The challan can be paid by any ABL Bank Ltd. Branch or via the **My ABL app**. Alternatively, candidates may use the **1Bill reference number** to pay through the internet banking portal of any **1Bill-linked** bank. **(This fee is non-refundable)**
4. The online applications previously received for the post of **Junior Electro/Mechanical Technician (BPS-07)** against this Court's advertisement dated **09.05.2024** have been treated as cancelled. Applicants who meet the eligibility criteria for the said post are required to apply afresh.
5. Candidates are advised to use only their original mobile in the online application form and refrain from providing numbers that have been converted to another network.
6. **The date, time & venue** shall be intimated later through an SMS alert. Further, all updates and notifications about the test dates, admit slips, result announcements or any other information shall be uploaded on the STS website/portal as well. In this regard, candidates must visit the portal/website from time to time.
7. The Employees of Sindh High Court may apply irrespective of age limit. **(NOC and SHC Computer Code are mandatory).**
8. In case of any objection during the scrutiny process, candidates will be notified via SMS and are advised to regularly check SMS messages and online portal account. A period of **seven (07) days** shall be given to resolve the objection. Failure to comply within this timeframe will result in rejection of the application form.
9. Candidates shall submit their applications or lodge queries for grievances within **fifteen (15) days** of the result announcement.
10. Candidates applying for more than one position must fill out a separate application form and pay a separate challan for each post.
11. No documents shall be accepted if the issuance date of the document is after the closing date of the advertisement.
12. Providing, fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of applications & can lead to termination of employment at any stage.
13. Candidates already serving in the government **who meet the eligibility** criteria may also apply **through the proper channel**, maximum age limit for Government Servants applying **through proper channel is 35 years**.
14. Incomplete applications **will not be considered** after the closing date, and their application **will be rejected without assigning any reason**.
15. **No queries shall be entertained** 02 weeks before the schedule of the MCQs based written test.
16. The candidates at the time of interview should bring their original documents.
17. The decisions of the Selection Board shall be final.
18. The above posts may be increased or decreased in number.
19. **All tests will be conducted at the designated test center in Karachi** and No TA/DA will be provided for the test or interview.
20. The last date for submission of application form is **20 days** from the date of publication of this advertisement.

20/8/2026

(KAZI MUHAMMAD TAQI)
ADDITIONAL REGISTRAR (ADMIN)

Daily IBRAT Hyd
روزاني
عبرت
حيدرآباد
اربع 26 آگسٽ 2026ع

وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ

شاه عبداللطيف ڀٽائي "ميلادِ مصطفيٰ صه" ۾ مشغول

اعجاز ممنائي

اج سڄي دنيا ۾ ميلاد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ساقي ڪوثر محبوب ڪبريا صلي الله عليه وآله وسلم وڏي جوش جذبي ۽ عقيدت سان ملهائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. تاريخي اختلافن سبب هي سڄو هفتو يعني هفته وحدت (١٢ کان ١٧ ربيع الاول تائين) جاري رهندو. ياد رکو نور وارن جو ذڪر پاڪيزه روح ئي ڪندا آهن قرآن شريف ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو ته "تحقيق توهان وٽ آيو آهي الله پاڪ وٽان نور ۽ روشن ڪتاب" (المائده 15) نور جو ذڪر ڪندي لطيف سرڪار رح سُر بلاول ۾ فرمائي ٿو:

پَسِئُو سو پَسِبو نُورُ نَبيءَ جو نُورُ شَفِيع جو،
ظاهِرُ ٿِئُو زَمِينَ تي، ڏيهَنِ جو ڏِئُو
خاوَندَ خاصُ خَلقِئو هِمَڙو ڪونَ ٻِئو،
ڏِرَندو چَٽُر رَسُولَ تي، ڏوران ئِي ڏسبو،
بابو بِيبِيءَ فاطِمَہ ميڙِ ۾ مَلَهَندو.

ظاهر ظهور ڏنو ويو ۽ اَجان وڏيڪ ڏِسبو رسول ڪريم صلي الله عليه وآلِہ وسلم جو نُور شفاعت ڪندڙ جو نُور جنهن ڏيهَنِ جا ڏيه عالم روشن ڪري ڇڏيا اهو پاڪ نور زمين تي اَچي ظاهر ٿيو الله پاڪ پيو ڪو به اهڙو اَعليٰ ۽ خاص پيغمبر پيدا ڪونه ڪيو رَسول ڪرِيمُ صلي الله عليه وآله وسلم تي جيڪو نبوت جو تاج رکيل هُوندو، سو پري کان ئِي مومن کي پيو پسبو حضرت بيبي فاطمه الزهره خاتون جنت سلام الله عليها جن جو بابا سائين، مولاءِ ڪائنات امام المتقين علي عليه السلام جو دلبر ياءَ ۽ حسنين ڪريمين جو نانا محبوب خدا صه محشر واري ميڙ ۾ بخشش وارو پنهنجو واعدو پورو ڪندو.

ماڻِڪُ مِٽُ سَندومِ، اُونداهيءَ ۾ سوجهِرو
حَشرَ وِيَلَ حِسابَ ۾ ڇَڏي نہ ويندومِ،
سارِيو سَڏُ ڪندومِ، ڪوهيارو ڪيچَ ڌَڻي.

ماڻڪ جهڙي پنهونءَ سان منهنجو سنگ آهي جو اونداهيءَ ۾ روشني ڪيو ڇڏي. قيامت جي ڏينهن حساب جي وقت هو مونکي ڇڏي نه ويندو هو ڪيچ جو سائين مونکي اتي سنڀاري سڏ ڪندو. جيڪو قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندو سنڌ جي عظيم صوفي شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام "شاه جو رسالو" رڳو شاعري نه آهي، اهو عشق، معرفت ۽ هدايت جو سمنڊ آهي. شاه صاحب سڄي رسالي ۾ توحيد، رسالت ۽ ولايت جو ذڪر ڪيو آهي، پر حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي شان کي هن پنهنجي ڪلام جو مرڪز بڻايو آهي. شاه صاحب جي نظر ۾ سڄي ڪائنات جو نظام حضور صه جن جي وجود سان جڙيل آهي. هو فرمائن ٿا:

جوڙِي جوڙَ جَهانَ جي، جڏهن جوڙِيائين،
خاوَندُ خاص خَلِقي، مُحَمّدُ مُڪائِين،
گلمُو تنهن گَرِيمَ تي، چِتو چِيائين،
اَنامولاڪَ وَاَنتَ مَحبُوبِي، اِيئن اُتائين،
ڏِکِي ڏِنائِين، ٻَئي سَرائون سَيّدُ چئي

شاه سائين جي فڪر ۾ نبي ڪريم صه جن رڳو هڪ پيغمبر نه، پر رحمت العالمين نبي آهن. سندس آمد سان ئي دنيا ۾ نور پکڙجي ويو. شاه صاحب جي نظر ۾ حضور صه جن جي عشق کان سواءِ ڪو به رستو الله تائين تائين نٿو وڃي. ان ڪري پنهنجي ڪلام ۾ ميلاد النبي صه ۽ معراج جي واقعي کي وڏي عقيدت ۽ احترام سان بيان ڪيو آهي ۽ نبي اڪرم صه جن جي ميلاد جي برڪت کي "جهڙ جهڙ جوت جڳائي" سان بيان ڪن ٿا.

معراج جي رات جو ذڪر ڪندي شاه صاحب فرمائن ٿا ته حضور صه پنهنجي جسد ۽ روح سان عرش تي ويا ۽ الله سائين سان همڪلام ٿيا. اهو واقعو شاه سائين لاءِ امت جي معراج جي نشاني آهي. انڪري هو بار بار فرمائن ٿا:

ڪوڙين ڪيرتيا آئيا، مانجهي مٽيادار،
جن گڙهان ڀر ڳائيو سڄان سپ چمار،
هن تنبيري جي تند جي، ات پهرين هئي پچار،
آءُ متاهون مڱٽا، چڙهي در دئار،
توکي گهوٽ گهرائيو خلوت لاءِ ڪنگهار،

شاه صاحب جي نزديڪ جيڪو به غمگين آهي، جيڪو به پريشان آهي، اهو حضور صه تي درود پڙهي ته سندس مشڪل حل ٿي ويندي. سر مارئي ۾ وڇوڙي جو غم نبي جي جدائي سان تشبيهه ڏئي بيان ڪيو ويو آهي.

ٻِيرَ ڪَنيائُون ٻَرَ ۾، پِيارِينِ پَهُون
سِنجَنِ سائِيڱِن تي، وَڏِيءَ ويرَ وَهُون
پايو جَرُ جَنڊَنِ ۾، ڪوڏان ڳِنِ ڳهُون
ڏِينهان ڏِينهِن نَٿُون، مُون کي وِرهُ ويڙِيچَنِ جو.

رب ڪريم شان رسول اڪرم صه جو ذڪر قرآن مجيد جي سور النساء آيت جي نمبر 174 ۾ ارشاد فرمايو: اي انسانو! توهان جي رب جي طرف کان توهان وٽ واضح دليل اچي وئي آهي ۽ اسان توهان ڏانهن روشن نور نازل ڪيو آهي مولا علي ع فرمائين ٿا ته الله سائين حضرت محمد صه کي ان لاءِ موڪليو ته جيئن هو ماڻهن کي ماڻهن جي غلامي مان ڪڍي الله جو ٻانهو بڻائي.

بُروهوپنيور، جو آريائي اُجارِيو،
لانوسَ لوڪَ تان، هاڙهي ڏَنِّيءَ هورُ،
چوريُون چُڙنُ سِڪيُون، پُنهون ڳيائُون پورُ،
آيوسو آتورُ، جنهن ڏُکيُون ڏِکَ وهارِيُون. (سُر حسيني)

شاه صاحب حضور صه جي سيرت کي عملي زندگي جو نمونو قرار ڏنو آهي. هو فرمائن ٿا ته سچائي، امانت، صبر، سخاوت ۽ خلق جي خدمت جهڙيون سيئي خوبيون حضور صه جن جي سيرت مان نڪتل آهن. شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ قيامت جي ڏينهن حضور صه جي شفاعت کي اميد جو ڏيئو آهي. هو فرمائن ٿا:

هَتِ گهِڙي گهَڙو ڪري، ٻهُون نهاري ٻَنگ،
"وَامّامَن خَافَ مَقَامَ رَبِه"، اِئُ لَنگهيائِين لَنگهُه،
سُڱنڊِنِ کي سَيدُ چَئي، ڪِينَ جَهليندو جَهنگُ،
راتِ جَنِين جو رَنگُ، آلا! سي اُڪارِئين.
(سُرُ سهڻي، داستان پهريون، بيت ڇهون)

هن بيت مان واضح ٿئي ٿو ته قيامت جي ڏينهن نجات جو رستو رڳو حضور اڪرم صه جن جي دامن مان ئي ملندو. مطلب ته شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو ته حضور اڪرم صه سان محبت ايمان جو حصو آهي. شاه جي شاعري اسان کي سڏي ٿي ته اسان پنهنجي زندگي نبي ڪريم صه جن جي ڏسيل سنت مطابق گذاريون، درود کي معمول بڻايون ۽ خلق خدا جي خدمت ڪريون.

الله اچن اوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پسان مان پر ڪنهين جتن سندي جوءِ،
لنگهي لڪ لطيف چئي، سٽيان هوتن هوءِ،
گولي ٿيان گلبوءِ جي سجاڻي ساٿ ڏٽي. (سر ديسي)

يا وري شاه عبداللطيف ڀٽائي رح سر بلاول ۾ تمثيلي طور نبي پاڪ حضرت محمد صه جن جي شان ۽ مرتبي کي بيان ڪندي، سرڻن، بيواهن، بي وسن، يتيمن، مسڪينن جو آڌار انهن جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکڻ رسول الله جي صفت هئي ۽ قيامت جي ڏينهن حشر جي ميدان ۾ به هوندي، جڏهن بيشمار انسانن جو ميڙاڪو ۽ لکين نيڪ بزرگ هستيون پريشان هوندا اتي حضرت محمد صه مرڪندڙ روشن چهري سان موجود هوندا ڪا به گهبراهٽ نه هوندي ۽ هو سرخرو هوندو، امت جي شفاعت ڪندو، انهن بي شمار مجمع ۾ رسول الله صه جن جو مقام سيني کان مٿاهون ۽ بلند هوندو

سَرَڻِن جَا سوڻَا سَهي، وَسِيلو وِلَهَنِ،
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چَئي، اَڳِئَان لالُ لَکَنِ،
جِتِ ڪوڙِيين ڪِينَ ڪُجَنِ، تِتِ پَاٻُوهي پَڌِرو.

يعني جيڪو بيوسن، بي واهن، غريبن ۽ سامن جون ذميواريون کڻي، سندن آڌار ۽ وسيلو بڻجي ٿو، لطيف چوي ٿو اهو لال الله جو محبوب محمد صه گهبرائجي نٿو. جڏهن ته اڳيان لکين ٻيا به موجود آهن (جيڪي پريشاني واري حالت ۾ آهن) ۽ جتي ڪروڙن جي تعداد ۾ ويٺل مانائتين شخصيتن ۽ انسانن کي ڳالهائڻ جي همت ئي نٿي ٿئي، اتي به رسول پاڪ صه نمايان طور مرڪي ۽ سرخرو ٿئي ٿو (پنهنجي امت جي شفاعت ڪري ٿو) جن جي دامن

مان ئي ملندو. مطلب ته شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو ته حضور اڪرم صه سان محبت ايمان جو حصو آهي. شاه جي شاعري اسان کي سڏي ٿي ته اسان پنهنجي زندگي نبي ڪريم صه جن جي ڏسيل سنت مطابق گذاريون، درود کي معمول بڻايون ۽ خلق خدا جي خدمت ڪريون.

شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه سُرُ ڪلياڻ جي وائي ۾ فرمائي ٿو:

ٿيندو ٿَن طبيبُ، دارُون منهنجي دَرَدَ جو،
ٻُڪي ڏيندم ٻاجَهہ جي، اَچي شال عجيبُ،
پرينِ اَچي پاڻَ ڪِيو، ـــ سندو غورُ غريبَ،
ڏکندو سيوئي ڏُور ڪيو، مَنجهُون تَنُ طبيبَ،
آديُون! عبداللطيفُ چَئي، هاتِڪ آهِ حبيبُ.

پرين ئي منهنجي جسم جو طبيب ۽ آزار درد جي دوا ٿيندو. سپرين شال اچي مون کي مهر جي سُتي ڏيندو. پرينءَ پاڻ اچي هن مسڪين جي سار لڌي، منهنجي طبيب منهنجي جسم مان سمورو درد اچي دفع ڪيو. اي سرتيون! اهو ئي منهنجو سپرين ماهر و حاذق طبيب آهي.

---

30 هين ورسي جي موقعي تي وساريا نه وسرن

قاضي عبدالمجيد عابد: گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ

مير اعظم علي ٽالپر

ماڻهو نه سڀ سهڻا، پکي سيئي نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي ٻوءِ بهار جي

سو ان بيت جيان سيئي پکي نه هنج جهڙا ٿيندا آهن ۽ نه وري سيئي ماڻهن مان بهار جي ٻوءِ ايندي آهي، پر ڪجهه ماڻهن ۾ اها بهار جي ٻوءِ ٿيندي آهي، اهڙن ماڻهن مان سائين قاضي عبدالمجيد عابد به هڪ ٻوءِ بهار وارو انسان 2 مارچ 1915ع تي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ جائو سندس جنم تي علم ۽ ادب واري خاندان جي پاڙي قاضي ۾ ٿيو هن قلندر جي نگري ۾ قاضي عبدالقيوم عباسي جي گهر ۾ اک کولي ۽ شروعاتي تعليم حيدرآباد ۽ ان بعد سنڌ مدرسه ڪراچي ۾ پڙهڻ بعد بمبئي مان بي اي پاس ڪئي ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي البته هن ڊي جي ڪاليج ڪراچي مان 1932ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ 1936ع ۾ بي اي بمبئي مان ڪئي.



قاضي عبدالمجيد عابد جو شروع کان دلي لڳاءُ پڙهڻ ۽ لکڻ سان هو. ان ڪري هن 1958ع ۾ محمد عثمان ڏيپلائي کان عبرت اخبار ڪري روزانه جي بنياد تي 14 آگسٽ 1958ع کان شروع ڪئي، عبرت سنڌ ۾ علم تفريح ۽ سماج سڌارڪ طور انقلاب آڻي ڇڏيو جيڪا ابتدا ۾ قاضي برادران جي مسهور هوٽل اورينٽ گاڏي کاتي مان نڪرڻ لڳي، ان بعد عبرت بلڊنگ مان شروع ٿيڻ شروع ٿي، قاضي عبدالمجيد عابد ادب جي گهڻي خدمت ڪئي، سنڌس بهترين ڪارنامو چيپيو ان بعد ان کي ڪتابي شڪل ڏني وئي، قاضي صاحب جا خط اهڙي انداز ۾ منظر نامي ۾ لکيل هوندا هئا، جن کي پڙهندي محسوس ٿيندو هو ته پڙهڻ وارو ليکڪ سان خود سير سفر ڪري رهيو آهي.

ان ڪتاب جو هڪ ورق آڪسفورڊ ۽ ڪمبرج يونيورسٽي به گهمڻ ۽ ڏسڻ آهي، جنهن ۾ اهو به لکيل آهي ته بظاهر انگلينڊ جي ماتحت ننڍيون رياستون آهن پر اهي هڪٻئي خلاف به آهن. قاضي عابد کي 1985ع ۾ بهترين ليکڪ جو ايوارڊ به مليو هو قاضي عبدالمجيد عابد ظاهري طور هڪ نالو آهي پر هو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي.

هي صحافت ۾ ته پنهنجو مٽ پاڻ هو سنڌس يادگار تحريرون ڪالمن جي حيثيت ۾ وقت به وقت ڇپيون رهيون آهن. ان ڪانسواءِ سنڌس تاريخي يادگيريون وارا ڪتاب به وڏي اهميت رکن ٿا، جن ۾ سفر يورپ جي ڊائري، سير سفر، مون کي ياد آهي ته سنڌ جي سياست هڪ

عبدالمجيد عابد ۾ صحافت، ادب سان گڏوگڏ سياست به هئي، جيڪا هڪ شريف النفس واري هئي، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن قاضي صاحب سان سول لائين واري جاءِ تي ملاقات به ٿيندي هئي، قاضي صاحب مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان سياست شروع ڪئي هئي، هي 1985ع ۾ ضياءَ الحق جي بنا پارٽي ڪرايل اليڪشن ۾ اين اي 170 حيدرآباد ٽنڊو جام تڪ تي ايم اين اي بڻيو ۽ ڪامياب ٿي ويو. قاضي عبدالمجيد عابد جو سخت مقابلو ان وقت جي حڪمران ضياءَ الحق جي وزير دفاع مير علي احمد خان ٽالپر سان ٿيو هو. جنهن ۾ قاضي صاحب 31 هزار ڪان مٿي ووٽ کڻي چونڊ کٽي ورتي، جڏهن ته سنڌس سامهون مير علي احمد ٽالپر کي 21 هزار ڪن ووٽ مليا هئا. ٽنڊو جام قاضي عبدالمجيد عابد جو پولنگ ايجنٽ راقم جو مامو محمد خان ٽالپر هو. قاضي صاحب محمد خان جوڻيجو جي ڪابينه ۾ وزير اطلاعات ۽ نشريات ٿيو ته هن پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي تان ٻنپهرن جو 12 بجي اڌ ڪلاڪ نئون سنڌي پروگرام سوجهرو شروع ڪرايو هو جيڪو هڪ گلدستي جيان دلچسپ ۽ مختلف موضوعن تي ممتاز مرزا پيش ڪندو هو هي بطور وزير اطلاعات و نشريات 1986ع کان 1988ع تائين رهيو هو. قاضي عبدالمجيد عابد پنهنجي اليڪشن ورڪ ڪڏهن پنڌ ته ڪڏهن ڏيگي ۾ چڙهي ڪندو هو ۽ هن کي غريبن ۽ سجاڻ ووٽرن ووٽ تمام گهڻو ڏنو هو. قاضي صاحب 1988ع ۾ صوبائي تڪ ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ جي ٽڪيٽ تي بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو هو جڏهن پي ايس 46 تي راول ڀهوڙ مير رفيق کي هارايو هو.

ڏٺو وڃي ته قاضي عبدالمجيد عابد هڪ شخص جو نالو نه پر هڪ گهڻي رخي شخصيت جو ٻيو نالو آهي، جيڪو هڪ پنهنجو پاڻ ۾ صحافت، ادب ۽ سياست جو گڏيل هڪ ادارو هو. جنهن سنڌ ۽ سنڌ واسين ۾ محبت پيدا ڪئي ۽ عبرت ڪانسواءِ ٻي اخبار سنڌ نيوز به عوام کي ڏني ان ڪانسواءِ عبرت پبليڪيشن قائم ڪري مختلف رسالا ڪتاب ٻارن، عورتن ۽ وڏن کي دلچسپي ۽ معلومات لاءِ ڏنا آهن، جن کي هن وقت قاضي عبدالمجيد عابد جو لائق فرزند قاضي اسد عابد جي ڪوشش سان عبرت نيوز لاءِ مائيڪ تي رپورٽنگ ڪئي وڃي ٿي.

ميان شفيع محمد آخوند: بااصول ڪردار ۽ روشن روايت جو امين

شفقت آخوند

ڪجهه ماڻهو وقت جي وهڪري ۾ رڳو پنهنجي زندگي گذاري وڃن ٿا، جڏهن ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي ڪردار، اصولن، علم، محبت ۽ انساني روين سان وقت جي صفحن تي اهڙا نقش ڇڏي وڃن ٿا، جيڪي سندن جسماني وڇوڙي کان پوءِ به مٽجي نٿا سگهن. ميان شفيع محمد آخوند به انهن ئي شخصيتن مان هڪ هو. سندس وڇوڙي کي ڇٽيهه ورهيه گذري ويا، پر سندس نالو اڄ به سندس اولاد، مٽن مائٽن، دوستن ۽ ساڻس لاڳاپيل ماڻهن جي يادگيرين ۾ احترام سان زنده آهي. سندس زندگي رڳو هڪ جج جي سرڪاري عهدي جي ڪهاڻي نه هئي، اها اصول پسندي، علم دوستي، بردباري، شرافت، تخليق ۽ انساني محبت جو هڪ اهڙو داستان هئي، جنهن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته اصل عظمت عهدي ۾ نه پر ڪردار ۾ هوندي آهي.

ميان شفيع محمد آخوند جو تعلق هڪ اهڙي علمي ۽ ادبي خاندان سان هو، جنهن جون پاڙون هالا پراڻا ڀرسان ڳوٺ 'گهوٽائو' سان وڃي ملن ٿيون. سندس وڏا ٽالپرن جي دور ۾ فارسي ٻولي ۽ فقهه جي تعليم سان وابسته هئا. علم جي انهيءَ روايت سبب خاندان کي 'آخوند' جو لقب مليو جيڪو پاڻ پنهنجي اندر ۾ علم، تدريس ۽ دانش جي هڪ تاريخ سمائي ٿو. بعد ۾ خاندان حيدرآباد ۾ اچي آباد ٿيو ۽ تعليم، عدالت ۽ سرڪاري خدمتن ۾ پنهنجو نمايان مقام پيدا ڪيو. سندس خاندان مان ميان عبدالله آخوند جهڙو شخص به پيدا ٿيو جيڪو انگريز دور ۾ سنڌ جو پهريون مسلمان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بڻيو.

اهڙي علمي ماحول ۾ 1920ع ڌاري حيدرآباد جي ڪوڪر پاڙي ۾ شفيع محمد جي ولادت ٿي. سندس والد ميان رحمت الله آخوند ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد ۾ چيف آفيسر جي عهدي تي فائز هو. پر زندگيءَ کيس ننڍيءَ عمر ۾ ئي هڪ وڏو امتحان ڏنو. اڃا سندس عمر جوانيءَ جي دروازي تي مس پهتي هئي ته والد جو انتقال ٿي ويو. اهڙي نازڪ وقت ۾ سندس والده صاحبزاديءَ پنهنجي پٽ جي تعليم جو سلسلو جاري رکيو ۽ سندس چاچي ميان عبدالله آخوند به سندس تعليمي سفر ۾ سهڪار ڪيو. هن واقعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شفيع محمد جي ڪاميابيءَ جي پويان رڳو سندس ذاتي صلاحيت نه پر ماءُ جي عزم ۽ خاندان جي علمي روايت جو به وڏو حصو هو.



قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مقابلي جي امتحان ۾ ڪاميابي ماڻي هن عدالتي دنيا ۾ قدم رکيو. سول جج کان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج تائين سندس سفر ڪيترن ئي شهرن مان گذريو. سکر، نوابشاه، سانگهڙ، شڪارپور، ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي پاڻ مختلف اهم عدالتي ذميواريون نڀايون. سندس سرڪاري زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سرمايو شايد اهو هو ته هن پنهنجي منصب کي طاقت جي علامت نه پر انصاف جي ذميواري سمجهيو. سندس اصول پسنديءَ جو هڪ واقعو سندس سڄي شخصيت کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. نوابشاه ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي حيثيت سان ڪم ڪندي جڏهن هڪ بااثر سياسي خاندان جي عدالتي معاملن ۾ مداخلت کي هن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته سندس اصولن جي قيمت کيس پنهنجي عهدي جي تبديليءَ جي صورت ۾ ادا ڪرڻي پئي. کيس گلگت موڪليو ويو، جتي ان وقت جون حالتون انتهائي ڏکيون هيون. پر هن پنهنجي اصولن سان سوديبازي ڪرڻ بدران ڏکيائي قبول ڪرڻ کي ترجيح ڏني. دوستن ۽ مائٽن جي سمجهائڻ باوجود هن بااثر ماڻهن سان ٺاهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هيءَ ئي اها جاءِ آهي جتي هڪ جج ۽ هڪ بااصول انسان جي وچ ۾ فرق واضح ٿئي ٿو: جج قانون پڙهي فيصلو ڪري سگهي ٿو پر بااصول جج پنهنجي ضمير جي آواز تي به قائم رهي ٿو.

قدرت کيس ٻيهر موقعو ڏنو ۽ هو عدالتي خدمت ۾ واپس آيو. ڪراچي، جيڪو ان وقت هڪ ئي ضلعي تي مشتمل هو اتي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج مقرر ٿيڻ سندس قابليت ۽ سٺي رڪارڊ جو اعتراف هو. اهڙيءَ ريت سندس عدالتي سفر جو اختتام به عزت، وقار ۽ اطمينان سان ٿيو. سندس زندگيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته اصولن جي راهه ڪڏهن ڪڏهن انسان کي اڪيلو ضرور ڪري ٿي پر آخرڪار ساڳيا اصول سندس سڃاڻپ بڻجي وڃن ٿا. پر ميان شفيع محمد آخوند جي شخصيت کي رڳو عدالت جي ڪاري ڪوٽ ۽ عدالتي ڪرسيءَ تائين محدود ڪرڻ سندس فڪري دنيا سان نا انصافي ٿيندي هو پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوقين، تاريخ جو عاشق ۽ سماجي روين جو گهرو مشاهدو ڪندڙ انسان هو. ادب، تاريخ ۽ انساني سماج جا رويا سندس پسنديده موضوع هئا. هن

تهذيب جي مختلف دورن ۽ ڪردارن جون پينسل سان تصويرون ٺاهي البم ترتيب ڏيندو هو. مشهور تاريخدانن جي سفرنامن کان متاثر ٿي آفريڪي ماڻهن جي تمدن ۽ زندگيءَ بابت تصويرون ٺاهڻ سان گڏ انهن قبيلن لاءِ پنهنجي تصور جي هڪ ٻولي به ايجاد ڪيائين. نيپولين جي زندگي ۽ جنگين بابت به تصويرن تي مشتمل البم تيار ڪيائين. اها ڳالهه ٻڌائي ٿي ته سندس ذهن روايتي حدن اندر قيد نه هو. هو پڙهندو به هو سوچيندو به هو تصور ڪندو به هو ۽ پنهنجي تصور کي تخليق ۾ بدلائڻ جي صلاحيت به رکندو هو.

سندس تخليقي مزاج جو هڪ ٻيو خوبصورت مثال اهو آهي ته پنهنجي سئوٽ ۽ دوست اقبال آخوند سان گڏ اسڪول جي زماني ۾ ئي هڪ ڪمري اندر تاريخي ميوزيم قائم ڪيائين. ٽالپرن جي دور جي دربار جو منظر، ميرن جو تخت، درٻاري ۽ آرائشي سامان، اهي سڀ شيون هنن عام ۽ دستياب شين مان تيار ڪيون. اڄ جي دور ۾ جڏهن تخليقيت لاءِ مهانگا وسيلا ڳوليا وڃن ٿا، ان وقت ٻن ٻارن جي اها ڪوشش ٻڌائي ٿي ته تخليق لاءِ سڀ کان وڏي شيءِ سامان نه پر تخيل هوندو آهي.

ميان شفيع محمد جي شخصيت جو ٻيو روشن پاسو سندس نرم دلي ۽ انسان دوستي هئي. ساڻس واقف ماڻهن جي مطابق هو نهايت شريف النفس، ملنسار، بردبار ۽ صلح پسند انسان هو. ڪاوڙ سندس طبيعت جو حصو نه هئي. هو ماڻهن سان محبت ۽ نرميءَ سان پيش ايندو هو دوستن ۽ مٽن مائٽن جي محفلن ۾ خوش ٿيندو هو ۽ پنهنجي پوٽن، ڏوهٽن، پوٽين ۽ ڏوهٽين سان شفقت جو غير معمولي تعلق رکندو هو. سندس دوستن جي ڊگهي فهرست مان حمزو خان قريشي، نور محمد بالادي، جمال الدين ابڙو، قلب علي شاهه، سعيد شيخ ۽ اقبال آخوند جهڙا نالا سندس سماجي ۽ انساني لاڳاپن جي پختگيءَ جو ثبوت آهن.

ڪنهن به عظيم انسان جي زندگيءَ جي ڪهاڻي سندس گهرو ساٿيءَ جي ذڪر کانسواءِ مڪمل نٿي ٿئي. ميان شفيع محمد آخوند جي زندگيءَ ۾ سندس وني جميلا آخوند به هڪ اهڙي ئي روشن ۽ مضبوط ڪردار جي حيثيت رکي ٿي. جميلا آخوند تعليم يافته، پڙهڻ ۽ لکڻ جي شوقين، سماجي شعور رکندڙ ۽ غريب پرور عورت هئي. هوءَ سنڌي رسالي 'سوجهرو' لاءِ لکندي هئي ۽ پنهنجي وس آهر ضرورتمند خاندانن جي مدد ڪندي، سندن ٻارن جي تعليم جو بندوبست به ڪندي هئي. گهر جي انتظام ۾ به سندس ڪردار غير معمولي هو. ٻارن جي اسڪولن ۾ داخلا کان وٺي گهر جي خريد ۽ وڪري، نوڪرن جي معاملن، گاڏين، فرنيچر، بجلي، گيس ۽ ٽيليفون تائين ڪيترين ئي ذميوارين کي هوءَ پاڻ سنڀاليندي هئي. جيڪڏهن ميان شفيع محمد آخوند ٻاهرين دنيا ۾ اصول، قانون ۽ انصاف جو علمبردار هو ته جميلا آخوند گهر جي دنيا ۾ انتظام، قرباني، سماجي احساس ۽ ساٿ جو مضبوط ستون هئي. انهيءَ ڪري سندس زندگيءَ کي ٻن فردن جي گڏيل سفر طور ڏسڻ وڌيڪ مناسب آهي، جن هڪ ٻئي جي صلاحيتن کي سهارو ڏئي هڪ خاندان ۽ هڪ روايت کي اڳتي وڌايو.

ميان شفيع محمد آخوند جي زندگيءَ کي جيڪڏهن هڪ جملي ۾ بيان ڪرڻو هجي ته شايد ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته هو "منصب کان وڌيڪ ڪردار جو ماڻهو هو." عدالت کيس عهدي جي سڃاڻپ ڏني پر اصولن کيس عزت ڏني، ڪتابن کيس علم ڏنو پر انسانن سان محبت کيس دلين ۾ جاءِ ڏني. تاريخ سندس دلچسپي هئي پر سندس پنهنجي زندگي به هڪ تاريخ بڻجي وئي.

اڄ سماج ۾ اصولن جي ڳالهه ته گهڻي ٿئي ٿي پر اصولن تي قائم رهڻ ڏکيو محسوس ٿئي ٿو تڏهن ميان شفيع محمد آخوند جهڙين شخصيتن کي ياد ڪرڻ وڌيڪ ضروري ٿي وڃي ٿو. سندس زندگي اسان کي ٻڌائي ٿي ته انسان جي اصل ميراث دولت، عهدو يا شهرت نه پر اهو ڪردار آهي جيڪو سندس وڃڻ کان پوءِ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهي. وقت جا ورق ڦرندا رهندا، نسلون اينديون ۽ وينديون عمارتون ڊهنديون ۽ نيون اڏبيون، پر جيڪي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي اصول، علم، شرافت ۽ انسان دوستيءَ سان روشن ڪري ويندا آهن، انهن جون يادون وقت جي مٽيءَ هيٺ دفن نٿيون ٿين. ميان شفيع محمد آخوند به اهڙي ئي روشن روايت جو نالو آهي. هڪ جج، هڪ پڙهيل انسان، هڪ فنڪار،

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 26 آگسٽ 2026ع

ڪيٽي بندر جي ترقيءَ لاءِ ٿيندڙ اڳڀرائي، واکاڻ جوڳو قدم آهي!

ڪيٽي بندر جي ترقيءَ بابت صدر آصف علي زرداري جي تازي هدايتن سان سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ ۾ هڪ نئين اميد پيدا ٿي آهي جيڪڏهن ڪيٽي بندر کي جديد بندرگاهه، شاهراهن، ريلوي، بجلي، پاڻي، صنعتي ڍانچي ۽ لاجسٽڪس نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ جو منصوبو حقيقت جو روپ اختيار ڪري ٿو ته اهو رڳو هڪ بندرگاهه جي تعمير نه هوندو پر سنڌ جي معيشت ۽ پاڪستان جي سامونڊي واپار لاءِ هڪ نئين باب جي شروعات ٿي سگهي ٿي پر اهڙي منصوبي جي ڪاميابيءَ جو دارومدار رڳو اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري تي نه پر ان ڳالهه تي هوندو ته ان مان مقامي ماڻهو خاص طور مهاڻا، آبادگار ۽ ڊيلٽا جي آبادي ڪيترو فائدو حاصل ڪري ٿي چيني ڪمپني پاران پيش ڪيل تصوراتي ماسٽر پلان ۾ ڪيٽي بندر کي هڪ نئين گهري پاڻيءَ واري سامونڊي گيٽ وي طور ترقي ڏيڻ جي تجويز آهي پهرين مرحلي ۾ 500 ميٽر ڊگهي گهڻ مقصدي ٽرمينل ۽ لاڳاپيل لاجسٽڪس انفراسٽرڪچر جو تصور ڏنو ويو آهي جڏهن ته شروعاتي انجنيئرنگ ڪاٿو 522.34 ملين آمريڪي ڊالر ٻڌايو ويو آهي جيڪڏهن منصوبي کي وسيع روڊن، ريلوي رابطن، بجلي، پاڻي ۽ صنعتي زونن سان ڳنڍيو وڃي ته ڪيٽي بندر مستقبل ۾ ڪراچي ۽ پورٽ قاسم تي موجود دٻاءُ گهٽائڻ سان گڏ ملڪ جي سامونڊي واپار ۾ نئون ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو پر هتي هڪ بنيادي سوال ضرور اٿڻ گهرجي: ڇا اسان وٽ ماضيءَ جي وڏن منصوبن مان سکڻ لاءِ ڪجهه آهي؟ پاڪستان ۾ وڏا منصوبا اعلان ٿيڻ افتتاح ٿيڻ ۽ ماسٽر پلان ٺاهڻ جي مرحلن مان ته گذرندا رهيا آهن پر ڪيترائي منصوبا وقت، خرچ ۽ انتظامي رڪاوٽن سبب پنهنجي اصل مقصد تائين نه پهچي سگهيا. ڪيٽي بندر سان به ائين نه ٿيڻ گهرجي هن منصوبي کي سياسي اعلان بدران ڊگهي مدي واري قومي معاشي منصوبي طور ڏسڻو پوندو صدر جو ماحولياتي تحفظ ۽ سنڌو درياهه جي ڊيلٽا جي نازڪ ماحولياتي نظام بابت زور ڏيڻ سڀ کان اهم ڳالهه آهي ڪيٽي بندر جو علائقو ڪنهن خالي زمين تي موجود بندرگاهه ناهي، پر سنڌو ڊيلٽا جي انتهائي حساس ماحولياتي نظام جو حصو آهي سمنڊ جي وڌندڙ اثر، سامونڊي پاڻيءَ جي چڙهائي، زمين جي لوڻياٺ، مٺي پاڻيءَ جي گهٽتائي ۽ موسمي تبديلين اڳ ئي هن خطي جي زندگيءَ کي متاثر ڪيو آهي اهڙي صورتحال ۾ بندرگاهه جي ترقي جيڪڏهن ماحولياتي توازن کي نظرانداز ڪندي ڪئي وئي ته معاشي فائدي سان گڏ هڪ وڏو انساني ۽ ماحولياتي نقصان به پيدا ٿي سگهي ٿو خاص طور تي مقامي مهاڻن جي مفادن کي منصوبي جي مرڪز ۾ رکڻ ضروري آهي صدين کان هن سامونڊي پٽيءَ جا ماڻهو مڇي مارڻ سان پنهنجي خاندانن جو گذر سفر ڪن ٿا. بندرگاهه، صنعتي علائقن يا نئين انفراسٽرڪچر جي تعمير دوران جيڪڏهن سندن مڇي مارڻ جا هنڌ محدود ٿين سندن ٻيڙين جي اچ وڃ متاثر ٿئي يا سامونڊي وسيلن تائين رسائي گهٽجي وڃي ته اهڙي ترقي مقامي ماڻهن لاءِ ترقي نه پر نئين محرومي بڻجي سگهي ٿي

ان ڪري ڪيٽي بندر منصوبي سان گڏ هڪ جامع "مقامي ترقيءَ جو منصوبو" به لازمي هجڻ گهرجي مهاڻن لاءِ جديد جيٽيون، ٿڌا گودام، مڇي محفوظ ڪرڻ جون سهولتون، مارڪيٽ، تربيت، صحت ۽ تعليم جا مرڪز قائم ڪيا وڃن مقامي نوجوانن کي بندرگاهه ۽ لاجسٽڪس جي نوڪرين لاءِ فني تربيت ڏني وڃي جيڪڏهن منصوبي مان روزگار جا دروازا مقامي ماڻهن لاءِ نه کلندا ته پوءِ بندرگاهه ته جديد هوندي پر ان جي چوڌاري رهندڙ آبادي بدستور غريب رهندي چين جي شموليت هن منصوبي کي اهميت ڏئي ٿي چين پاڪستان جو وڏو اقتصادي ڀائيوار آهي ۽ بنيادي ڍانچي جي منصوبن ۾ ان جو تجربو وسيع آهي پر پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هر نئين منصوبي ۾ شفاف مالي شرطن قرضن ۽ سيڙپڪاريءَ جي نوعيت، مقامي روزگار، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ ماحولياتي تحفظ بابت واضح پاليسي اختيار ڪري. ڪيٽي بندر کي ڪراچي جي متبادل بندرگاهه طور ڏسڻ کان وڌيڪ بهتر اهو ٿيندو ته ان کي سنڌ جي ساحلي معيشت جي نئين مرڪز طور ترقي ڏني وڃي بندرگاهه سان گڏ صنعتي، زرعي، مڇي مارڻ، سامونڊي خوراڪ ۽ برآمدي صنعتن کي ڳنڍيو وڃي اهڙي مربوط منصوبابندي سان ئي بندرگاهه هڪ اهڙي معاشي انجڻ بڻجي سگهي ٿي جيڪا رڳو جهازن جي اچ وڃ نه پر هزارين خاندانن جي زندگي بدلائي تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪيٽي بندر جو خواب ڪاغذن بريفنگن ۽ ماسٽر پلانن تائين محدود نه رهي ان لاءِ وقت جي پابندي، شفافيت، فني معيار، ماحولياتي نگراني ۽ مقامي ماڻهن جي شرڪت کي لازمي بڻايو وڃي سنڌو ڊيلٽا کي بچائيندي جيڪڏهن ڪيٽي بندر کي ترقي ڏني وڃي ته هي منصوبو سنڌ لاءِ به نئون معاشي دروازو بڻجي سگهي ٿو ۽ پاڪستان لاءِ به نئون سامونڊي گيٽ وي.

نواب اڪبر بگٽي: اصول پسند سياستدان

سردار منظور احمد خان ڪاڪڙ

ناميارو سياسي، سماجي اڳواڻ، اصول پسند سياستدان ۽ بلوچ-پختون اتحاد جي علمبردار نواب اڪبر بگٽيءَ جي اڄ ورسيءَ ملهائي پئي وڃي. هن پنهنجي سياسي جماعت جمهوري وطن پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان ملڪي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هو هڪ بهترين انتظام سنڀاليندڙ پڻ هو. گورنر بلوچستان ۽ وزيراعليٰ بلوچستان جي حيثيت سان هن پنهنجون ذميواريون بهترين انداز ۾ سرانجام ڏنيون ۽ صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. نواب بگٽي بنا ڪنهن تعصب جي پختونن ۽ آبادڪارن کي به پنهنجي جماعت ۾ سينيٽر، اسپيڪر ۽ ڊپٽي چيئرمين سينيٽ جهڙن اهم عهدن تي فائز ڪيو. اهو سندس وسيع النظري ۽ رواداريءَ جو بهترين مثال هو. نواب بگٽيءَ جي شهادت بلوچستان جي سماج کي ئي بدلائي ڇڏيو. شايد ان وقت جي اقتدار ۾ ويٺل قوتن کي اندازو نه هو ته زنده اڪبر بگٽي جي ڀيٽ ۾ نواب اڪبر بگٽي وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿيندو. ظاهري طور تي نواب اڪبر خان بگٽي ۽ اسلام آباد وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءَ جي شروعات ساحل ۽ وسيلن جي اختيارن تان ٿي پر هن ٽڪراءَ جو بنياد ان وقت پيو، جڏهن گئس ۽ اربين ڊالرن جي ميگا منصوبن بابت بلوچ عوام کي اعتماد ۾ نه ورتو ويو ۽ نه ئي سندن خدشن ۽ تحفظ کي ختم ڪرڻ لاءِ مناسب قدم کنيا ويا. انهن معاملن مقامي آباديءَ سميت پوري بلوچ قوم کي وڌيڪ بگٽيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. انهن سمورن واقعن ٻرندڙ باهه تي تيل جو ڪم ڪيو.

هن ڊيرا بگٽي ۾ ويهي تحريڪ جي قيادت ۽ ترجمانيءَ جا فرض سرانجام ڏنا. هن ملڪي ۽ عالمي ميڊيا ۾ بلوچن جي موقف جي ڀرپور وڪالت ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ جنرل پرويز مشرف جي سربراهيءَ ۾ ان وقت جي اقتدار ۾ ويٺل قوتن هن جو گهيرو ڪيو. آخرڪار 26 آگسٽ 2006ع تي هڪ وڏو آپريشن ڪيو ويو، جنهن دوران هن ساٿين سميت پنهنجي جان قربان ڪئي. جنرل پرويز مشرف جي سربراهيءَ ۾ ان وقت جي اقتداري حلقن اهو تصور ڪيو ته بلوچستان ۾ قومي حقن، ساحل ۽ وسيلن بابت اڀرندڙ عوامي تحريڪ جو اصل روح روان نواب بگٽي ئي آهي. تنهن ڪري ڪيس ختم ڪرڻ سان بلوچستان ۾ انهن منصوبن کي عملي جامو پارائي سگهجي ٿو. پر پاليسي سازن جو اهو اندازو غلط ثابت ٿيو. اڄ هن جي شهادت کي لڳ ڀڳ 20 سال ٿيڻ وارا آهن پر بلوچستان ۾ نه امن قائم ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي هتي کير ۽ ماکيءَ جون نهرون وهي رهيون آهن بلڪ بلوچستان اڄ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مسئلن جو شڪار بڻيل آهي. هتي بنيادي انساني حقن جي ڇڪتاڻ هڪ انتهائي سنگين بحران جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي، جڏهن ته سياسي ۽ معاشي حقن کان محرومين ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. حڪومت نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي ۽ هر معاملو طاقت جي زور تي هلايو پيو وڃي ملڪ جا پڙهيل لکيل نوجوان رياست کان انتهائي مايوس آهن. هر طرف محرومي، غربت، نفرت، مايوسي، استحصال، جبري پاليسين جو راڄ نظر اچي ٿو. هن جي شهادت واري واقعي بلوچستان ۾ موجوده مزاحمتي تحريڪ کي ڀرپور نموني اڀرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. جنهن جا ملڪي سياست تي انتهائي گهرا اثر پيا.

نواب اڪبر بگٽي پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته منهنجي ۽ مريءَ جي وفات کان پوءِ به اها تحريڪ ختم نه ٿيندي، نوجوان ضرور اسان جي سياسي ورثي جي حفاظت ڪندا اڄ بلوچ نوجوانن جنهن انداز سان ان سياسي ورثي کي قبول ڪيو آهي، ان جو مثال هن خطي جي تاريخ ۾ مشڪل سان ملي ٿو هن جي شهادت بلوچ جدوجهد کي نئون عزم ڏنو ۽ ان تحريڪ نئون رخ اختيار ڪيو هن جي قرباني ۽ عملي جدوجهد جي فلسفي سان بلوچ قومي جدوجهد جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب شامل ٿيو هن پنهنجي شهادت ذريعي بلوچن کي واضح پيغام ڏنو ته ٻاهرين جي غلامي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي وڃي ۽ رڳو لفظن ۽ بيان بازي بدران عملي جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو وڃي هن جي شهادت تي بلوچن جي مشهور بزرگ اڳواڻ سردار عطاءُ الله مينگل چيو هو ته اسان کي نواب جي شهادت تي افسوس ٿي رهيو آهي، چو ته جيڪڏهن ان عمر ۾ به اهڙو موت نصيب ٿئي ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي؟ هو خوش نصيب آهي جو هن انهيءَ عمر ۾ بلوچن جي حقن لاءِ وڙهندي پنهنجي سر جو نذرانو ڏنو آهي هن جي شهادت بلوچستان جي سياسي ۽ سماجي منظرنامي کي مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏيو آهي نوجوان نواب بگٽي جي فلسفي ڏانهن راغب ٿيا ۽ هو سرعام چون ٿا ته نواب جي قرباني رڳو اندروني خودمختياري يا ڪجهه پارلياماني سيٽن لاءِ نه هئي، بلڪ هن جي قرباني هڪ اعليٰ سماجي مقصد هو نواب کان پوءِ بلوچستان ۾ چار دفعا چونڊون ٿي چڪيون آهن پر بلوچ عوام، خاص طور تي بلوچ نوجوانن ۽ پڙهيل لکيل طبقي انهن کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ بلوچستان ۾ چونڊن جي ڏينهن ڪرفيو جهڙو ماحول نظر ايندو آهي رياست ۽ عوام وچ ۾ صرف فاصلي ۽ اعتماد جو فقدان ئي ناهي، بلڪ هڪ وڏو بحران جنم وٺي چڪو آهي

نواب جي سياسي وارثن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ روايتي قبائلي سردارن بدران هاڻي هڪ نئين، هٿرادو ۽ نمائشي قيادت کي ميدان ۾ آندو ويو آهي. جيڪي پنهنجي بيانن، تقريرن ۽ ٽوئيٽ پيغامن ذريعي اسلام آباد سان پنهنجي وفاداريءَ جا سرٽيفڪيٽ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. اهي ئي ماڻهو چاهين ٿا ته بلوچستان ۾ تشدد ۽ ڇڪتاڻ جو اهو سلسلو جاري رهي ته جيئن هنن جي سياسي منڊيءَ ۾ گهرج برقرار رهي. نواب بگٽي به انهن وانگر پارلياماني ۽ جمهوري سياست ڪئي هئي پر هن ڪڏهن به پي ايس ڊي پي لاءِ ڪنهن کي خوش نه ڪيو ۽ نه ئي پارلياماني سيٽن ۽ اقتدار لاءِ ڪنهن کان خيرات گهري ۽

12 ربيع الاول، سڄي جهان لاءِ رحمت..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اسين هر سال 12 ربيع الاول جي هن مبارڪ ڏينهن جي شروعات، دنيا جي سڀ کان وڏي ۽ عظمت واري هستيءَ کي دل جي گهراين سان عقيدت ۽ محبت جو نذرانو پيش ڪري ڪندو آهيان جنهن کي قدرتءَ جي مالڪ الله پاڪ سڄي جهان لاءِ رحمت بڻائي موڪليو. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ ذات محبت، شفقت، رحم، انصاف ۽ اعليٰ اخلاق جو اهڙو روشن مثال آهي، جنهن جي روشني رڳو مسلمانن لاءِ نه، پر قيامت تائين سموري انسانيت لاءِ هدايت ۽ رهنمائي جو ذريعو آهي. حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي عمل سان اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪنهن به معاشري جي اصل سڃاڻپ وڏين عمارتن، دولت يا طاقت سان نه ٿيندي آهي، پر اُن ڳالهه سان ٿيندي آهي ته اهو معاشرو پنهنجن ٻارن، پوڙهن، بي سهارا ماڻهن، خاص ضرورت وارن ماڻهن ۽ ڪمزور طبقي سان ڪهڙو سلوڪ ڪري ٿو. رحمت للعالمين حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ٻارن سان تمام گهڻي محبت ۽ شفقت ڪندا هئا.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ٻارن سان محبت ڪرڻ، وڏن جي عزت ڪرڻ، خاص ضرورت وارن ماڻهن جو احترام ڪرڻ، يتيمن جي سارسنڀال ڪرڻ ۽ بي سهارا ماڻهن جي مدد ڪرڻ کي معاشري جي بنيادي ذميواري قرار ڏنو اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم والدين ۽ بزرگن جي عزت ۽ خدمت ڪرڻ تي خاص زور ڏنو اِهو حڪم رڳو پنهنجن والدين تائين محدود نه آهي، پر معاشري جي سڀني بزرگ ماڻهن لاءِ آهي جڏهن پوڙها ماڻهو عمر جي آخري حصي، بيماري يا ڪمزوريءَ سبب ٻين جا محتاج ٿي وڃن، تڏهن انهن کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ يا انهن کي بار سمجهڻ معاشري جي اخلاقي زوال جي نشاني آهي. ٻارن، پوڙهن ۽ خاص ضرورت وارن ماڻهن کي رڳو کاڌو، ڪپڙا ۽ تعليم ڏيڻ ئي ڪافي ناهي، پر انهن کي محبت، تحفظ، عزت ۽ شفقت ڏيڻ به سڄي معاشري جي گڏيل ذميواري آهي اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي چوڌاري نظر وجهون ته اسان کي ڪيترائي اهڙا ٻار نظر ايندا، جيڪي بدقسمتيءَ سان غربت سبب تعليم کان محروم آهن ۽ ننڍي عمر ۾ ئي مزدوري ڪرڻ تي مجبور آهن ٻارن جي معصوميت کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو، پوڙهن ۽ معذور ماڻهن سان ظلم ۽ تشدد ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ته معاشري جا غريب ۽ ڪمزور ماڻهو وڌيڪ محرومين ۽ تڪليفن جو شڪار ٿين ٿا. اسان جي معاشري ۾ ڪيترائي ماڻهو ويل چيئر استعمال ڪندڙ ماڻهن، نابين ماڻهن، ٻڌڻ يا ڳالهائڻ کان محروم ماڻهن ۽ ذهني يا جسماني طور ٻين کان مختلف صلاحيتون رکندڙ ٻارن کي رحم جي نظر سان ڏسن ٿا. افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان جي وچ ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي اهڙن خاص ٻارن کي سندن والدين جي گناهن جو نتيجو سمجهن ٿا. اسان کي اهڙي سوچ بدلائڻ جي ضرورت آهي جيڪڏهن اسان واقعي پنهنجي معاشري ۾ سڌارو آڻڻ چاهيون ٿا ته ان جي شروعات اسان کي پاڻ کان ڪرڻي پوندي.

اڄ مون کي اِهو ڏسي فخر محسوس ٿئي ٿو ته ٿر پارڪر، سنڌ جي پٺتي پيل ريگستاني علائقي ۾ 150 ايڪڙن تي پکڙيل 'پريم نگر، دي لينڊ آف لو' تيزيءَ سان محبت، ڀائيچاري ۽ برداشت واري سرزمين ۾ تبديل ٿي رهيو آهي اڄ 12 ربيع الاول جي هن مبارڪ موقعي تي پريم نگر ۾ عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وآله وسلم جون باوقار تقريبون منعقد ٿيڻ هڪ فلاحي ۽ انسان دوست معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ منهنجي مسلسل ۽ انٿڪ جدوجهد ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي منهنجي نظر ۾ پريم نگر کي هڪ مثالي جاءِ بڻائڻ جو مطلب رڳو خوبصورت روڊ، جديد عمارتون ۽ وڏا منصوبا ٺاهڻ ناهي، پر هتي اهڙو انسان دوست معاشرو قائم ڪرڻ آهي، جتي ڪو يتيم ٻار پاڻ کي اڪيلو محسوس نه ڪري، ڪو پوڙهو پنهنجي پوڙهائپ کان نه ڊڄي ۽ ڪو خاص ضرورت وارو ماڻهو پاڻ کي معاشري کان الڳ نه سمجهي پريم نگر جا دروازا هر ان ماڻهوءَ لاءِ کليل آهن جيڪو انسانيت جي خدمت جي جذبي سان اسان جي هن سفر جو حصو بڻجڻ چاهي ٿو اها ئي انسان دوستي ۽ انسانيت جي خدمت آهي، جنهن جو حڪم الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ڏنو ۽ اڄ اسان جي معاشري کي سڀ کان وڌيڪ انهيءَ جي ضرورت آهي

حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي زندگي ۽ تعليم اسان کي هر ڪمزور ۽ بي سهارا ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿي. يتيمن جي مٿي تي شفقت سان هٿ رکڻ، غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ، بيمارن جي عيادت ڪرڻ ۽ بي وس ماڻهن لاءِ آساني پيدا ڪرڻ هڪ سٺي ۽ درد رکندڙ انسان جي نشاني آهي. منهنجي نظر ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم سان سچي محبت جو سڀ کان خوبصورت اظهار اِهو آهي ته اسان پنهنجي چوڌاري ڪنهن روئيندڙ ٻار جا ڳوڙها اگهون، ڪنهن خاص ضرورت واري ماڻهوءَ لاءِ رستو آسان ڪريون، ڪنهن پوڙهي ماڻهوءَ جو هٿ جهلي کيس سهارو ڏيون ۽ ڪنهن بي سهارا انسان کي اِهو احساس ڏياريون ته هو هن معاشري ۾ اڪيلو ناهي اِها ئي رحم دلي آهي، اِها ئي شفقت آهي، اِها ئي انسانيت آهي ۽ اِهو ئي اُن عظيم پيغام تي عملي طور هلڻ آهي جنهن لاءِ رحمت للعالمين هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا. دنيا جي تاريخ اُن ڳالهه جي شاهد آهي ته جيڪو معاشرو پنهنجن ڪمزور ماڻهن جو خيال رکي ٿو، الله پاڪ به ان معاشري تي پنهنجي رحمت نازل فرمائي ٿو اڄ 12 ربيع الاول جي هن مبارڪ ڏينهن تي اسان کي پاڻ سان اِهو واعدو ڪرڻ گهرجي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم سان پنهنجي محبت کي رڳو نعرن ۽ تقريبن تائين محدود نه رکنداسين پر اُن محبت کي پنهنجي عمل ۽ ڪردار جو حصو بڻائينداسين اسان پنهنجن ٻارن سان پيار ڪنداسين، خاص ضرورت وارن ماڻهن کي عزت ۽ ٻين وانگر برابر موقعا ڏينداسين، معذور ماڻهن لاءِ آسانيون پيدا ڪنداسين، پنهنجن بزرگن جي خدمت ڪنداسين ۽ هر بي وس ۽ لاچار انسان جي مدد کي پنهنجو انساني ۽ ديني فرض سمجهنداسين پريم نگر جو نالو به محبت سان جڙيل آهي تنهنڪري منهنجي خيال ۾ هن جاءِ جي اصل سڃاڻپ به محبت ئي هجڻ گهرجي هتي جيڪو به بي سهارا ماڻهو اچي ان کي محبت ملي، هر ٻار کي تحفظ ملي، هر بزرگ کي عزت ملي ۽ هر خاص ضرورت واري ماڻهوءَ کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي. اسين چاهيون ٿا ته ٿرپارڪر جي ريگستان ۾ قائم پريم نگر کي رحمت للعالمين حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي اعليٰ تعليمات جي روشنيءَ ۾ انسانيت جي خدمت ۽ مذهبي هم آهنگي جو اهڙو روشن مرڪز بڻايان، جتان محبت جو پيغام نڪري ۽ سڄي دنيا تائين پهچي



ميلادِ مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم

فقير وزير علي ابڙو

ميلاد جي معنيٰ آهي: ولادت، جنم. اهڙي ريت "ميلاد مصطفيٰ ﷺ" جو مطلب ٿيو پاڻ ڪريمن ﷺ جي ولادت، آمد يا ظهور. اهڙي مبارڪ حقيقت کي ملهائڻ ته سڀني مسلمانن جو اجتماعي ۽ متفق مقصد هجڻ گهرجي ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ عظمتِ مصطفيٰ ﷺ کي سمجهڻ جي ضرورت آهي حضرت محمد ﷺ جن جي ذات مبارڪ ٻنهي جهانن ۾ الله تعاليٰ جي ذاتِ پاڪ بعد مقدس عظيم ۽ اعليٰ آهي الله تعاليٰ کين پنهنجي فضل سان اعليٰ اعزازن ۽ انمول عظمت سان نوازيو آهي الله تعاليٰ کين پنهنجو نائب، خاتم الانبياءِ ۽ رحمت للعالمين بڻايو آهي مٿن آخري ڪتاب قرآن پاڪ نازل ڪيو آهي ۽ مذهب اسلام مڪمل ڪيو آهي. حضرتَ محمد رسول الله ﷺ سڀني انسانن جو نبي ۽ رسول آهي کين مقام محمود ملڻ جي نويد مليل آهي الله تعاليٰ ۽ سندس ملائڪ روزانو نبي پاڪ ﷺ تي درود شريف پڙهن ٿا. اهڙي سڳوري نبيءَ جي ظهور جي ڪري اسان کي انهن جي اُمتي هجڻ جو شرف مليو آهي ۽ آخرت ۾ سندن جي شفاعت جو پڻ آسرو آهي هن ڪائنات جي قيام جو ڪارڻ پڻ پاڻ ﷺ آهي انهيءَ ڪري اسين اجتماعي اقرار ۽ اظهار لاءِ ميلاد ملهايون ٿا. ميلادِ مصطفيٰ جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ ڪجهه دليل آهن ته الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ 4 دفعا ان سڌو ۽ اڻ سڌو ميلادِ مصطفيٰ ﷺ جو اظهار ڪرڻ فرمايو آهي: 1 الله تعاليٰ عالمِ ارواح ۾ سڀني نبين کان عهد ورتو هو ۽ کين فرمايو. ترجمو: ۽ جڏهن الله نبين کان قول ورتو ته جيڪو اوهان کي ڪتاب ۽ علم ڏيان پوءِ اوهان وٽ ڪوئي پيغمبر آيو جو سچ ٿو چوي، جيڪي اوهان وٽ آهي ته ان تي ضرور ايمان آڻجو ۽ ان جي مدد ڪجو (سوره آلِ عمران- آيت 81)

تفسير ڪبير، خازن ۽ روح المعاني وغيره اتفاق ڪيو آهي ته اها آيت حضرت محمد ﷺ جي ظهور بابت آهي 2 ترجمو: ۽ جڏهن تنهنجي رب (اي رسول) ملائڪن کي چيو ته آئون زمين ۾ خليفو (نائب) پيدا ڪندڙ آهيان هن آيت مان مراد به پاڻ ڪريمن جي ظهور بابت آهي، جنهن ڪري زمين تي آخري مخلوق انسان کي پيدا ڪيو ويو آهي (سوره البقر آيت 30). 3 ترجمو: ۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس، جيڪي انهيءَ نبي اُمي جي تابعداري ڪندا آهن جنهن جون صفتون توريت ۽ انجيل ۾ پڻ پڙهن ٿا. (سوره اعراف - آيت 157). 4 ترجمو: حضرت عيسيٰ فرمايو. هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ٿو ڏيان جو مون کان پوءِ ايندو، ان جو نالو "احمد" هوندو(سوره صف آيت 6(

قدسي حديث ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته اي انسانو ڪائنات جون سڀ شيون "مون الله اوهان لاءِ پيدا ڪيون آهن" انسان کي وري الله پاڪ حضرت محمد ﷺ جن جي بشريت ۾ ظهور ڏيکاري پيدا ڪرڻ فرمايو آهي الله تعاليٰ جنهن جي ڪري هيءَ ڪائنات قائم ڪرڻ فرمائي آهي ته پوءِ اسان کي محمد ﷺ جي ظهور وٺڻ واري مبارڪ موقعي تي خوشيون ملهائڻ جو حق حاصل آهي اهڙي روايت ۽ حديث پاڻ ڪريمن جي حياتيءَ ۾ موجود آهي جڏهن حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پاڻ مصطفيٰ ﷺ 10 محرم الحرام سان گڏ 9 محرم جو روزو رکندي فرمايو هو ته "اسان کي حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق آهي" ياد رهي ته فرعون 10 محرم تي غرق ٿيو هو ۽ حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم کي آزادي نصيب ٿي هئي، انهيءَ ڪري يهودي 10 محرم جو روزو رکندا هئا ۽ اسان جي نبي پاڪ وري 10 محرم سان گڏ 9 محرم جو روزو رکي، انهيءَ خوشيءَ ۾ شرڪت جو اظهار ڪرڻ فرمايو هو اڄ به گهڻا مسلمان 9 ۽ 10 محرم جا روزا سنت نبوي سمجهي رکندا آهن

اوائلي دور ۾ الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل خوشيءَ ۾ ماڻهو الله تعاليٰ جي شڪراني ۾ اضافي عبادت ڪندا هئا يا وري ڪنهن گناهه يا غلط ڪم کي ترڪ ڪندا هئا يا وري نفس کي مارڻ لاءِ ڪوئي پسند پيل ڪم نه ڪندا هئا. هينئر خوشي ملهائڻ لاءِ فردن ۽ جماعتن جا الڳ الڳ روپ آهن جشنِ ميلاد مصطفيٰ ﷺ ملهائڻ لاءِ گهڻو ڪري، جاين تي چراغان ڪرڻ شهر ۾ ريليون ڪيڻ ۽ مسجدن ۽ اجتماع وارين جاين تي نعت پڙهندي ۽ تقرير ڪندي سيرتِ مصطفيٰ ۽ شانِ مصطفيٰ بيان ڪيو ويندو آهي.

مذهبي هم آهنگي ۽ پاڻ ۾ رواداري قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته الله تعاليٰ جي احڪامن "دين ۾ مڪمل داخل ٿيو" ٻيو اهو ته دين ۾ مرڪزيت قائم رکڻ تي عمل ڪرڻو پوندو هينئر مسجدن ۽ مدرسن ۾ حقوق الله سان وابسته ڳالهين کي مرڪزي حيثيت مليل آهي ۽ حقوق العباد کي درگذر ڪيو ويو آهي ساڳي طرح ملڪ جي تعليمي ۽ ٻين ادارن منجهه وري ديني تعليمات کي درگذر ڪيو ويو آهي ساڳي طرح دين ۾ مرڪزيت کي خود دين وارن علمن تقسيم ڪندي مختلف جماعتون ۽ فرقن جو وجود پيش ڪيو آهي نتيجن اها سوچ ۽ مروج عمل حضرت محمد ﷺ جي تعليمات جي ابتڙ آهن اهوئي سبب آهي جو اسين ميلاد مصطفيٰ جهڙي مبارڪ موقعي تي به متفق هجڻ بجاءِ منتشر ٿيل آهيون

ديني ۽ دنياوي علمن جي سکيا ۽ شعور لاءِ ديني علمن ۽ دنياوي علم جي دانشورن ۽ اديبن جو وڏو مرڪزي ڪردار آهي اوائلي دور ۾ علم سڳورا دين جي علم کان علاوه دنياوي علمن جا به ڄاڻو ۽ اديب پڻ هوندا هئا سندن جي سوچ "لا تفرقو" ۽ انسان جي هن دنيا ۽ آخرت لاءِ ڀلائي مقصود هوندي هئي

ميلاد مصطفيٰ ﷺ ۾ اسان جي اصل خوشي ۽ نبي پاڪ سان سچي محبت جو دليل اهو هجڻ گهرجي ته اسين سيرتِ مصطفيٰ ﷺ کي صحيح سمجهون ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ عهد ڪريون ۽ پوءِ ايندڙ نسل کي هدايت ۽ تلقين ڪريون نبي پاڪ جي تعليمات ۾ دين سان گڏ دنيا جي ڪمن لاءِ وسيع معلومات ۽ ڪاميابيءَ لاءِ راهون متعين آهن جنهن تي هلندي اسين هن دنيا ۽ آخرت لاءِ ڪاميابي حاصل ڪري سگهنداسون انشاءِ الله

(ترجمو : رحمت الله ٻرڙو)

17هين ورسيءَ جي مناسبت سان.

جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا


طارق عزيز شيخ

آزاد جتوئيءَ جي زندگي هوائي جهاز جي اڏام جيان هئي هن فرش کان عرش تائين بلنديءَ جو سفر ڪيو. هن جيون جي اڏام ۾ جهولا، جهٽڪا کائي جڏهن سڪون جا سهڻا نظارا پئي ڪيا ته اوچتو موت جي خوفناڪ طوفان کيس وڪوڙي ورتو ۽ هو هڪ لحظي منجهه اکين کان اوجهل ٿي ويو 26 آگسٽ 2009ع اهو ڏکوئيندڙ ڏينهن هو جڏهن آزاد جتوئيءَ جو غم علمي ۽ ادبي ڪيتر کان وٺي سندس همعصرن ۽ خاندان کي مليو. آزاد جتوئيءَ جي زندگيءَ تي هڪ نظر وجهبي ته هو هڪ متحرڪ شخص ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن هر شعبي ۾ اڳتي وڌي ڪاميابيءَ سان منزلون ماڻيون.

سنڌ جي مشهور شهر ڏوڪريءَ ۾ 4 مارچ 1956ع تي هڪ مذهبي گهراڻي ۾ سندس ولادت ٿي ۽ مٽس حضور بخش جتوئي نالو رکيو ويو. هن کي ٻاراڻي وهيءَ کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق هو اهوئي سبب آهي جو پنهنجي اباڻي شهر ڏوڪريءَ مان شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي هن جو ادبي ذوق اڀري سامهون آيو لاڙڪاڻي مان انٽرميڊيئيٽ ڪرڻ کانپوءِ هن اڳتي پڙهڻ لاءِ ڄامشوري ڏانهن رخ ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ صحافت واري شعبي ۾ داخلا ورتائين

هن جڏهن ادبي دنيا ۾ پير پاتو تڏهن 'آزاد جتوئي' سان سڃاتائين آزاد جتوئيءَ ٻاراڻي ادب جو ڪتابي سلسلو 'ڏياٽيون' تڏهن ئي شروع ڪيو ليکڪ جڏهن پنهنجي ڪا تحرير اشاعتي اداري ۾ ڏيندو آهي تڏهن کيس ڇپيل صورت ۾ نالو ڏسڻ تي به وڏي سرهائي ٿيندي آهي پر آزاد جتوئي ابتدا کان ئي هڪ پبلشروارو ذهن رکي ميدان ۾ لٿو هن ريڊيو ۽ ٽي وي تي پڻ بهترين پروگرام ڪيا. سندس پروگرامن ۾ ادبي موضوعن کان علاوه سماجي حوالي سان به گفتگو ٿيندي هئي جيئن پي ٽي وي تي هڪ پروگرام ۾ عورتن جي برابريءَ واري حق ۾ يادگار پروگرام ڪيو هئائين اهڙي ريت آزاد جتوئي سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سماجي تنظيم سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۾ به سرگرم رهيو بطور فنانس سيڪريٽريءَ جي تمام ذميواري سان عهدو سنڀاليائين هن جون سگا ۾ جيڪي به ملي معاملن کي هلائڻ واريون سرگرميون رهيون انهن کي سهڻي نموني سنڀاليو

جن ۾ قمر شهباز، تصير مرزا، طارق عالم ابڙو، انور پيرزادو، فقير محمد لاشاريءَ سميت هڪ ڊگهي قطار اديب، شاعر ۽ صحافي دوستن جي ملي ٿي هن جڏهن ماهوار مومل رسالو ڪڍيو هو، تڏهن سنڌي ادب ۾ رسالن جي حوالي سان هڪ نواڻ نظر اچي وئي هئي

آزاد جتوئيءَ جي علمي ۽ ادبي مصروفيت کانپوءِ سندس ذاتي زندگيءَ کي ڏسون ته ان ۾ هن کي ڪاميابيون مليون

آزاد جتوئيءَ جي زندگيءَ جو حسين ترين حصو سندس گهروارن ۽ ٻارن سان گذاريل وقت رهيو هن جي زندگيءَ کي حسين بڻائڻ جو وڏو ڪريڊٽ اني حسينه جتوئيءَ کي وڃي ٿو جڏهن کان حسينه جتوئي آزاد جي زندگيءَ ۾ شامل ٿي تڏهن کان ئي کيس ڪاميابيون به هن جا پير چمڻ لڳيون ويون هيون. آزاد جيون جي ساٿياڻي به ڄڻ کو ڪٺن امتحان پاس ڪري حاصل ڪئي هئي

آزاد جي وني حسينه جتوئي جنهن کي شايد راڻو بڻجي تڪسات کي پار ڪري مومل وانگر ماڻيو هئائين ان به زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ۾ پنهنجي ور جو هر پل ساٿ ڏنو اهو زماني به ڏٺو ته حسينه جتوئي پنهنجي ور سان زندگيءَ جي هر اسٽيج تي گڏ نظر آئي هن مڙس کي دوست بڻجي وک وک تي اڳتي وڌڻ ۾ ساٿ ڏنو گهر کي ڏسڻ واسڻ کان وٺي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ گهر کان ٻاهر مڙس سان علمي ادبي ۽ صحافتي ذميواريون سنڀاليون آزاد جتوئيءَ ۽ سندس وني حسينه جتوئيءَ جي جوڙي کي علمي ادبي ۽ سماجي پروگرامن ۾ ساراهيو ويندو هو

آزاد جتوئيءَ جي زندگي ائين ئي ڏينهن رات مصروفيتن ۾ گذري رهي هئي جو "روزاني مومل اخبار" جي آفيس ۾ 26 آگسٽ 2009ع تي اوچتو کيس دل جو دورو پيو ۽ هن دم ڏنيءَ حوالي ڪيو

بنا محمد صه ڄام، ڪونهي وسيلو وچ تي

فقير حاجن نظاماڻي

لطيف سائين جن پنهنجي فڪر/ پيغام ۾ فرمايو آهي ته حضرت محمد صه جن جن کانسواءِ ٻيو ڪير وسيلو نه ٿيندو پنهنجي امتين جو ٻار پاڻﷺ جن مٿان آهي.

لطيف سائين جن سڄو رسالو نبي پاڪ جي شان ۾ چيو آهي، انهيءَ مان ڪجهه بيت ڏجن ٿا. لطيف سائين جن فرمايو آهي ته، "لوڃان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نه حد" هن بيت جي سٽ ۾ لطيف سائين اهڙي ڳالهه ڪئي آهي ته جنهن جي پروڙ اسان جهڙن انسانن جي وس کان ڳالهه ڪافي ٻاهر آهي لطيف سائين لاحد کي به هڪڙي حد ڏئي ڇڏي آهي، جيڪو مثال ملڻ مشڪل آهي. اُتي نبي پاڪ سردارِ ڪائنات جي تعريف جو پُرو پاند نٿو ملي.

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين
خاوند خاص خلقي، محمد مَڪائين
ڪلمون تنهن ڪريم تي، جتو جيائين
انا مولاڪ وانت محبوبي، ائين آتائين
ڏِکي ڏنائين، پئي سراهيون جَني

لطيف سائين هن بيت ۾ واضع طور چٽي ڇڏيو آهي ته هيءَ دنيا رب پاڪ صرف پنهنجي محبوب ڪريم صه جن جي لاءِ جوڙي آهي. جڏهن الله سائينءَ هيءَ دنيا ناهي ته ان لاءِ خاص خاوند رب سائين خلقيو ۽ ڪلمون شريف به ڪريم تي جتو پاڻ جيائين، پنهنجي محبوب کي دنيا جون پئي سراهيون سينگاري مالڪ سائينءَ حوالي ڪيون هيءَ دنيا مالڪ سائين ناهي ٿي صرف پنهنجي محبوب جي لاءِ آهي.

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق
ٿيو مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾.

هن بيت ۾ لطيف سائين هڪ لفظ جي باري ۾ چيو آهي ته احد ۽ احمد جي وچ ۾ ميم جو فرق آهي، انهي ڳالهه تي سڄي دنيا جا عالم منجهي پيا آهن جڏهن ته ڳالهه تمام آسان آهي، اڪر احد ۽ احمدﷺ جي ميم واري فرق ۾ منجهيل آهن لطيف سائينءَ هن لفظ کي دور ڪري مالڪ سائين سان ويجهڙائپ وارو رازُ کولڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. هن بيت ۾ استعمال ٿيل هيءَ خيال مولانا جلال الدين رومي جو به اهڙوئي تصور سندس بيتن ۾ ملي ٿو.

جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين پرولر
حامي هادي هاشمي، سردارين سردار
سونهين صحابن سٺ ۾، منجهه مسجد مٺيادار
چارئي چڱان چوڏان هئا هيڪاندا حبيب سين.

هن بيت ۾ لطيف سائين پوري دنيا جي سردارن جو سردار نبي پاڪ صه جن کي ڪوٺيو آهي.

وحده لاشريڪ لہ، جان ٿو چئين اِئن
تان مڃ محمد صه ڪارڻي، نرتون منجهان نينهن
تان تون وڃيو ڪيئن، نائين سر هين کي

لطيف سائين جن هڪ نظريو هن بيت ۾ پيش ڪيو آهي ته جيڪڏهن تون الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃين ٿو ته محمدﷺ کي نينهن سان مڃ، جيڪڏهن تون انهي ڳالهه تي پڪو آهين ته ٻين جي اڳيان توکي سر جهڪائڻ جي ڪا به ضرورت ناهي.

وحده لاشريڪ لہ، جڏهن چيو جن
تن مڃيو محمدﷺ ڪارڻي، هيڃان هنيَن
تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪنهن نه اوليا

لطيف سائين جن فرمائين ٿا ته جن الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃيو ته رسول ڪريمﷺ جن کي دل سان مڃيو ته اُهي وري ڪڏهن به ڪنهن اوتڙ نه پيا لطيف سائين جي هن بيت ۾ آهي ته اوهان جڏهن رب پاڪ جي هيڪڙائي کي تسليم ڪريو ٿا، تڏهن رسول ڪريم صه جي اطاعت جو موقعو ملي ٿو. پنهنجي راهه جي درستگي ڪرڻ لاءِ لازمي آهي. نبي پاڪ صه جن کي دل سان مڃيو جيڪڏهن رستي تي قائم هوندو ته اوهان ڪڏهن به بيراهه نه ٿيندو.

وحده لاشريڪ لہ، جن اُتو سين ايمان
تن مڃيو محمد صه ڪارڻي، قلب سان لسان
او فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نه اوليا.

لطيف سائين جن فرمايو آهي ته جن جو ايمان پڪو ٿيو جن محمد ﷺ ڪارڻي کي پنهنجي دل سان ۽ زبان سان مڃيو، اُهي الله جي فرمان تي هلڻ وارا ٿي ويا، اُهي ڪڏهن به اوتڙ نه پيا.

ميم مان معلوم ٿيو، الف آهين تون
تيلاڻهن آيل مون، ورق ورائي ڏِکيا

هن بيت ۾ لطيف سائين جن فرمايو آهي ته ميم يعني محمد ﷺ مان مونکي الف يعني الله جي خبر پئي، جڏهن اها معلومات ٿئي ته لطيف سائين فرمايو باقي ڪتابن جا ورق مون بند ڪري ڇڏيا، (الم) هي لفظ، قرآن شريف ۾ به آيل آهي. هن بيت مان معلوم ٿئي ٿو ته لطيف سائين جن هن بيت ۾ معرفت جي پڻ ڳالهه ڪن ٿا.

سهسين سجن اڀرين، چوراسي چنڊن
بالله ري پرين، سڀ اونداهي پانئيان

لطيف سائين جن فرمايو آهي ته سوين سج اڀرن يا وري چوراسي چنڊ اڀرن پر محبوب ڪريم صه جن جي چهري کان سواءِ هيءَ دنيا بغير روشني جي آهي اصل روشني ته حضرت محمد ﷺ جي آهي، جو ته هيءَ دنيا پوري ڪاري رات جيان انڌاري جي گهرائين ۾ گم هئي، ظلم ۽ وحشت جو راڄ هو ۽ نياڻيون زنده قبرن ۾ پوريون وينديون هيون. طاقت جي اڳيان سڀني جا سر نم هئا، هزارين سالن جي آتشڪده ٻري رهيا هئا، قصره جي ڪوٽ جا ڪُنگره چِمڪي رهيا هئا، جڏهن والي ڪائنات، محبوبِ خدا حضرت محمد ﷺ جي آمد ٿي ته قصره جي ڪوٽ جا ڪُنگره ڪِري پيا. هزارين سالن کان ٻرندڙ باهه اُجهامي وئي، دنيا جو نقشو تبديل ٿي ويو هو. دنيا ۾ روشني مالڪ سائينءَ جي محبوب جي ڪري آهي، جنهن سبحان مالڪ سائينءَ هن ڪائنات جو وهنوار هلائي رهيو آهي.

هَن تاري، هَن هيٺ، هُت منهنجا سپرين
سڄڻ ماکي مِيٺ، ڪوڙا ٿين مَ ڪڏهين

لطيف سائين هن بيت ۾ قطب تاري جي ڳالهه ڪن ٿا ته هَن تاري جي هيٺان منهنجا سپرين آهن، سڄڻ ماکي کان به گهڻا مٺا آهن، پر هن بيت جو هڪ ننڍڙو مقصد ٻيو به آهي جيڪڏهن اوهان اونداهي رات ۾ هجو سمنڊ ۾ ٻيڙي تي چڙهيل هجو يا ڪٿي ٻاهر جهنگ ۾ اوهان کي طرف سمجهه ۾ نه اچن، رستو ڀلجي ويا هجو ته قطب تاري جي نظر ايندي اوهان کي طرفن جي خبر پئجي ويندي. قطب تارو اولهه کان اڀرندو آهي.

ڪٿي نيڻ خمار مان، جان ناز ڪياٿون نظر
تان سورج شاخون جهڪيون، ڪماڻو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين

يا وري هن بيت ۾....

سُتا سڀ پئي، سنڌي معلم آسري
آئين پڻ سمهو ناڪول، بندر ناهه پئي
جن جي سيد لڄ ڪئي، سي سڀ لنگهندا لڪيون

هن بيت ۾ لطيف سائين جن چيو آهي ته سڀ نبين جا اُمتي سندن اڳواڻن جي آسري تي سُتل آهن ۽ اوهان به پنهنجي نبي پاڪ صه جي آسري سمهي رهو، اوهان کي ڪجهه ڪون ٿيندو ڪا تڪليف نه ايندي، ڪو بندر پئي ناهي، جن جي سيد لڄ ڪئي آهي، اُهي سڀ رستا پار ڪري ويندا.

جنين جي جهاز کي، سڳو سلطاني
ڪڇ، ڪلات، بندر بصرو، انڪي عرب انعامي
ڏس ڪهڙي ڏاني، جو صوبا ستڙ آيا

هن بيت ۾ لطيف سائين جن عرب پار جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جو واسطو نبي ڪريم صه جن آهن، جن کي ان جو آسرو آهي، اهو هميشه پار ٿي ويندو.

نرتي تند نياز سين، ٻرائي ٻيجل
راجا رتولن ۾، اونائي آمل
راز ڪيائين راءِ، سين ڪنهن موچاري مهل
"انا احمد بلاميم" چئي، سين هنئي سائل
ڪنهن ڪنهن پئي ڪَل، هردوئي هيڪ ٿيا.

هن بيت ۾ راز سمايل آهي جيڪو هن بيت کي سمجهي، جنهن ۾ انا احمد بلاميم جي ڳالهه لطيف سائين ڪئي آهي. وري هن بيت ۾ لطيف سائينءَ جن اهڙو رازُ کوليو آهي جنهن کي سمجهڻ آسان ناهي.

طلب مطلوب پاڻ ۾، اڳ هونگ نه هو احد
آئون، مون، تون ڪاپڙي، پري ڪج مَ پنڌ
مورت سڀ معراج ٿي، صورت سڀ محمد صه
احمد سو الصمد، آخر هيڪڙائي حق ٿي

لطيف سائين جن فرمائين ٿا ته جڏهن پاڻ ڪريم صه جن پنڌ ڪن ٿا ته ڇا ٿيندو آهي، ان جي منظرڪشي سائين جن هن بيت ۾ ڪئي آهي ته جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن ناز مان نڪري پنڌ ڪن ٿا، زمين جيڪا قدمن جي هيٺان آهي اها بسم الله چئي ٿي جو ته اها زمين سعادت واري جنهن حضور ڪريمﷺ جن جا قدم چمڻ نصيب ٿيا آهن ته زمين پر حورون حيرت ۾ پئجي وينديون آهن، اهي سڀ اُٿي بيهنديون آهن پاڻ ﷺ ڏٺي آهن، جيڏانهن به وڃڻ چاهين، وڃي ٿا سگهن مالڪ آهن آسمان جو سير ڪن يا زمين جو سير ڪن. لطيف سائين حضور ڪريمﷺ جن جي باري ۾ چيو آهي ته سائين جو سوڳند ساجن سينيان سهڻو آهي، مالڪ سائين هن دنيا ۾ ڪا به شيءِ پيدائي نه ڪئي آهي جو مثال ڏيئي سگهجي، رب سائين جو لطيف سائين قسم کڻي چيو آهي، ساجن سڀني کان سهڻو آهي.

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پُونءِ پڻ بسم الله چئي، راهه چُمي ٿو رند
آيون گهڻي ادب سين، حورون حيرت هنڌ
سائين جو سوڳند، ساجن سينيان سهڻو

لطيفي لات ـــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَرَهَا ڪُرَ سڃاڻ، ڀيءُ ڪو ۽ پاتهنجو
اصل آهي آهنجو تاليرو تڏاڻ،
ڪَرَهَا! اسان سان، ڇاتڪا ڪِج ڇڳايون.

ڪُرَ = ٻڻ ٻڌياد، نسل آکهه، خاندان / سڃاڻ = سمجهه، اوک، پرک، ڏس
ڀيءُ ڪو = ابي ڏاڏي جو اباڻڪو / اصل آهي = اصل کان، آد کان، شروع کان
تليرو تڏاڻ = تليوارو خاندان، مشهور ذات، نسل (سر-ڪتيات، مرتب- ٻاڻهون خان شيخ)

جڏهن ماڻهوءَ کي ڪٿي پهچڻ جي جلدي هوندي آهي ۽ جنهن سواريءَ تي هو سوار هجي ٿو ۽ اها هلڻ ۾ سستي ڪندي آهي ۽ هن کي پنهنجي ماڳ تي پهچڻ ۾ دير ٿيندي نظر ايندي ته پوءِ هن کي ڪاوڙ يا بيچاني لڳندي آهي ۽ اٺ يا گهوڙي کي اڙيون ۽ لڪڻ هڻندو ته

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات بختاور راجپوت .. پليئنٽف بخلاف رياض ولد نامعلوم ذات چانڊيو رهندڙ بروهي چوڪ نزد امتياز جلباڻي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو .....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليئنٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 31-08-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
گارڊين سوٽ نمبر 09 سال 2026

محمد اسماعيل ولد فريد خان ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ سعيد خان لغاري تعلقو هالا ضلعو مٽياري .. ايپليڪينٽ..بخلاف (1) فهميده شبير (2) نادر حسين (3) ماروي (4) صفدر علي (5) ساجده (6) سوهني مهتاب (7) عظميٰ بتول سڀ پٽ ڌيئرون محمد اسماعيل (8) مختيارڪار تعلقو هالا (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.....اپوننٽس (1) Qusain Hyder (عمر 17 سال) (2) Rafie Tahir (عمر 17 سال) ٻئي جوڙوان مائنر

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول سوٽ نمبر 141 سال 2026

الله ڏنو شر ولد شفيع محمد شر رهندڙ گهر نمبر 66 نقاش ولاز فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد .. ايپليڪينٽ..بخلاف (2) منظور حسين گل ولد گل محمد ايڇ ڊي اي فليٽ قاسم آباد (3) معشوق علي ولد محمد قاسم رهندڙ مير بهار ڪالوني وليج خيبر تعلقو ضلعو مٽياري (4) الطاف حسين ولد نامعلوم (اسٽامپ وينڊر) شاپ نمبر 2 الرحمت آرڪيڊ قاسم آباد .. ريسپونڊنٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي آرڊر خلاف جيڪو تاريخ 26-03-2026 تي پاس ڪيو لرنڊ سينئر سول جج حيدرآباد ايف سي سوٽ نمبر 1140/2023 ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 03-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب صبا مريم مهر)
فيملي سوٽ نمبر23سال 2026

گهنشام داس ولد جي مل رهندڙ ڳوٺ عمر فارم تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص .. پليئنٽف.بخلاف (1) شريمتي نيلان بيواهہ جي مل (2) شريمتي چمپا (3) شريمتي Bayan (4) شريمتي Kalwanti (5) ڏيپ ڪمار سڀ پٽ ڌيئرون جي مل هندو بالغ .....ڊفينڊنٽس (1) وجي ڪمار (2) ديون ڪمار ٻئي پٽ جي مل .. مائنر

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته07-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر21سال 2026

مسمات عطيه زال عبدالله (مرحوم) رهندڙ وارڊ نمبر 03 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص.ايپليڪينٽ.بخلاف (1) اسدالله عمر 16 سال (2) صنم عمر 28 سال (3) فضا عمر 16 سال (4) امير عمر 18 سال (5) آرزو عمر 15 سال (6) سونيا عمر 25 سال (7) سنڌو عمر 19 سال سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم عبدالله معرفت مسمات عطيه (8) مينيجر اين بي پي ٽنڊو جان محمد برانچ (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي عبدالله ولد محمد هارون جنهن ۾ اين بي پي ٽنڊو جان محمد برانچ ۾ رکيل رقم تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته27-08-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 08 سال 2025
ايف سي سوٽ نمبر 65 سال 2024

علي شير ولد محمد پناهہ رهندڙ اسڪريپ ڪالوني ميرپور ماٿيلو ضلعو گهوٽڪي حال رهندڙ پلاٽ نمبر A-12 الرحيم گارڊن سٽي نزد سيشن ڪورٽ مين روڊ ڄامشورو. پليئنٽف.بخلاف. (1) غلام اڪبر ولد وريام معرفت قانوني وارث (اي) مسمات روبينا (بيواهہ) (بي) مسمات فرزانہ ڌيءُ (سي)اويس علي (ڊي) وقاص علي (اي) عبدالباسط (ايف) عريبا ڌي مائنر رهندڙ غريب آباد ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (2) جلال الرحمن ولد عبدالرحمن رند مالڪ الرحمن بلڊرز اينڊ ڊولپرز آفيس ايٽ ريلوي سيمنٽ فيڪٽري نيشنل هائي وي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (3) ڀڳوان داس ولد نارومل هندو بالغ آفيس ايٽ سامهون ريلوي سيمينٽ فيڪٽري نيشنل هائي وي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو.. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي ايف سي سوٽ 65/2024 علي شير خلاف غلام اڪبر ۽ ٻيا خلاف تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته01-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات امبر .. پليئنٽف.بخلاف اعجاز سومرو ولد رمضان رهندڙ ڏاڍيچ ڪالوني تعلقو ضلعو دادو 03180154805 .....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليئنٽف توهان جي خلاف مينٽيننس، رڪوري حق مهر ڏاوري آرٽيڪلز (سونا زيور وزن 2 تولا رقم -/860000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٺٽو
سمري سوٽ نمبر: 04 سال 2026

سڪندر علي ولد موريو ذات بلوچ، رهندڙ ڳوٺ حاجي مريد، غلام الله پرسان تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو. مدعي.بخلاف.: الله وسايو ولد محمد سومار ذات پرهيري، رهندڙ عيدگاهہ روڊ، ٺٽو تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو مدعاعليہ.مٿين نالي واري مدعا عليہ کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته مدعي اوهان خلاف آرڊر XXXVII تحت 80,00,000 رپيا (اسي لک رپيا) جي وصولي ۽ ساليانو 6٪ وياج لاءِ سمري سوٽ داخل ڪيو آهي.تنهن ڪري اوهان کي حڪم ڏنو وڃي ٿو ته 04 سيپٽمبر 2026ع صبح 8:30 وڳي عدالت ۾ حاضر ٿيو ۽ هن سمن جي تعميل کان 10 ڏينهن اندر پنهنجي حاضري داخل ڪريو. دعويٰ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اجازت دفاع (Leave to Defend) جي درخواست حلف نامي سان گڏ داخل ڪريو، جنهن ۾ پنهنجي مضبوط ۽ حقيقي دفاع جا سبب بيان ڪريو.جيڪڏهن اوهان مقرر وقت اندر حاضر نه ٿيا يا دفاع جي اجازت حاصل نه ڪئي، ته پوءِ مدعي کي اوهان خلاف 80,00,000 رپين، ساليانو 6٪ وياج ۽ عدالتي خرچن سميت ڊگري حاصل ڪرڻ جو حق هوندو.

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج، ٺٽو

گمشده ڪاغذن بابت اطلاع

اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان ميرپورخاص زون هن عام اطلاع ذريعي آگاهہ ڪري ٿي ته پاليسي نمبر6071352796 نالي مسٽر غلام رضا اين آءِ سي نمبر4420495809177 جنهن جو اوريجنل پاليسي جو فائل گم ٿي ويو آهي جنهن جو اهڙو اطلاع پاليسي هولڊر آفيس ۾ پڻ ڏنو آهي هن متعلق ڪنهن کي ڪو اعتراض وغيره هجي ته 30 ڏينهن اندر داخل ڪريو ٻي صورت ۾ آفيس جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي

مينيجرPHS، اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن
آف پاڪستان ميرپورخاص زون

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات وقار حسن ولد شفيع محمد مگنهار ويٺل چاموٽ محلہ سٽي مٽياري تعلقو مٽياري ضلع مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد شفيع محمد مگنهار ولد واليڏنو جيڪو ايگريڪلچرل انجنيئرنگ کاتي ۾حاضر سروس طور نائب قاصد هو ۽ فقہ سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 29-08-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي مرحوم جون ٻہ شاديون ٿيون (1) مسمات نيابي مگنهار (پهرين گهرواري) بيواهہ (2) شهباز پهرين گهرواري مان پٽ (3) نغمي رانجهاڻي (پهرين گهرواري مان ڌيءَ (4) زينت (پهرين گهرواري مان ڌي (5) زينب پهرين گهر واري مان ڌي (6) ماريہ پهرين گهرواري مان ڌي (7) مسمات ارشاد رانجهاڻي (ٻي گهرواري) بيواهہ (8) وقار حسن ٻئي گهرواري مان پٽ جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي رفيق احمد ولد فقير محمد ميمڻ ۽ شوڪت علي ولد عاشق حسين ميمڻ جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

تصحيح

جيئن ته بروز اڄ 23 آگسٽ 2026 جي اشاعت ۾ فيملي جج ڄامشورو (فيملي سوٽ نمبر سال 2026) ۾ غلطي سان پليئنٽف جو نالو واحد لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري مسمات واحده لکيو ۽ پڙهيو وڃي. (آدارو)

عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي نذيران زال پوڙهل خان ذات عاقلاڻي رهندڙ ديهي عبدالحق يي او بهار خان ميرجت ديهہ گاهيڪي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي پوڙهل خان ولد رسول بخش عاقلاڻي تاريخ 10-09-2018 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هرهڪ نالي (1) زاهد حسين ولد نور محمد عاقلاڻي رهندڙ ديهي عبدالحق ديهہ گاهيڪي (2) انور علي عاقلاڻي ولد شير محمد عاقلاڻي رهندڙ ديهي عبدالحق ديهہ گاهيڪي يو سي ٽنڊو سومرو آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي پوڙهل خان ولد رسول بخش عاقلاڻي سندس پويان هيٺيان وارث (1) نذيران بيواهہ (2) ظهير عباس (پٽ) (3) اظهر علي پٽ (4) اظهران ڌيءُ ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن. تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض نہ ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي ٽنڊو سومرو جهنڊو مري

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي / گارڊين جج II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

ڪريم بخش چانڊيو ولد محمد حسن چانڊيو. ايپليڪينٽ..بخلاف. (1) سومري زال ڪريم بخش چانڊيو (2) محمد حسن ولد ڪريم بخش چانڊيو (3) سميرا ولد ڪريم بخش چانڊيو (4) شازيہ ڌيءُ ڪريم بخش چانڊيو (5) نازيہ ڌيءُ ڪريم بخش چانڊيو (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي امجد علي عمر 16.5 سال ۽ واجد علي عمر 14 سال جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي / گارڊين جج II قاضي احمد

بقايا | 1 | روزاني عبرت

احمد علي پٽ خميسو جاتوئي طور ٿي آهي، جڏهن ته زخمين ۾ رفيق جاتوئي، نثار جاتوئي ۽ عنايت جاتوئي شامل آهن.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ ۽ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ تحت مستحق ۾ ذاتي ڪاروبار لاءِ بغير وياج جي قرض ڏيڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ سرسو جي ريجنل ڊائريڪٽر عمير عباس منگي، ڊسٽرڪٽ مئنيجر عاش ڪلوڙ سميت وڏي انگ ۾ مستحقن شرڪت ڪئي.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

اندر جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران 50 ورهين جي عورت عيدان زال محمد حسن ملوڪاڻي مبينا طور فوت ٿي وئي.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

يکهواڙ تي قتل جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو ۽ مٺي پوليس ٽنهين جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس ذريعن موجب ناري جي مڙس ڪرشن سندس زال کي قتل ڪرڻ جو اعترف به ڪري ورتو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

ڪراچي(پ ر)آغا خان يونيورسٽي جي سينٽر فار انوويشن ان ميڊيڪل ايجوڪيشن (سي آءِ ايم اي)، ڪراچي کي آمريڪا ۾ قائم انٽرنيشنل ايسوسيئيشن فار هيلٿ پروفيشنز ايجوڪيشن جي پاران اي ايم اي اي اسپائر ٽو ايڪسيلينس ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

فرنيچر نه هجڻ خلاف اسڪول جي معصوم ٻارڙن ۽ ڳوٺاڻن جو گلزار زنئور، عبدالله زنئور قادر بخش زنئور ۽ جبار زنئور جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ کان ميرپوربٺورو شهر تائين پيادل مارچ ڪري مين بس اسٽاپ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو .

بقايا | 7 | روزاني عبرت

ٿنديون وڏيون ريليون ڪڍيون وينديون، جڏهن ته مختلف هنڌن تي 10 محفلِ ميلاد جا اجتماع پڻ منعقد ٿيندا..

بقايا | 8 | روزاني عبرت

خان مگسي گهرو انبٽت تان مبينا طور پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، ڳوٺاڻن جي اطلاع تي مقامي سماجي تنظيم همدرد فري ايمبولينس جي ريسڪيو ٽيم پاران واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٽائي تعلقہ اسپتال سڪرنڊ پهچايو ويو

بقايا | 9 | روزاني عبرت

آهي.فوتي نوجوان راڻي پور شگر مل ۾ ويلڊنگ جو ڪم ڪري رهيو هو ته اوچتو اوچائي تان هيٺ ڪري پيو .

بقايا | 10 | روزاني عبرت

حد قريشي روڊ پراڻي سکر مان پير مراد شاهہ ڪالوني جي رهواسي حزب الله ولد عبدالغفور چوهان جي CD70 موٽرسائيڪل نمبرSNE-9367 ، ماڊل 2022، ڳاڙهي رنگ جي، ٻن نامعلوم هٿياربندن ڦر ڪري فرار ٿي ويا. .

بقايا | 11 | روزاني عبرت

تي ڪم ڪندڙ هارين ڏسي ورتو ۽ وارثن کي اطلاع ڏنو تنهن بعد وارثن ٿڌي تي پهچي ڪري لاش کي گهر کڻائي ويا جيئن ئي نوجوان جو لاش گهر پهتو ته ڪهرام مچي ويو

بقايا | 12 | روزاني عبرت

محمد صادق رشيد سوڳوار ڇڏيا آهن. مرحوم جي وفات تي ايڊووڪيٽ احمد رشيد ۽ سندس پاڙن سان ڪيترن ئي ماڻهن ملاقات ڪري فاتحہ خوانيءَ

ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. فاتحہ خوانيءَ ڪندڙن ۾ قاضي اشهد عباسي، لال خان جوڻيجو، الله بخش ڪنڀر، ايڊووڪيٽ عبدالوهاب منشي ۽ ايڊووڪيٽ عرفان ٻورائو سميت ٻيون شخصيتون شامل هيون.

بقايا | 13 | روزاني عبرت

۽ صحافي برادري پاران گڏيل طور گهوٽڪي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين اي سيڪشن پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ ۽ صحافي جو نالو ڪيس مان خارج ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج دوران اڳواڻن راڻو نديم، راڻو مشاهد، تاج ناٿوري، ايڊووڪيٽ راڻا ساجد، راڻو زاهد حسين، راڻو وقاص، فيضان سليم ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گهوٽڪي اي سيڪشن پوليس شهر ۾ امن امان قائم ڪرڻ بدران مبينا طور چوري، ڦر ۽ قتل جي واقعن ۾ اصل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، جڏهن ته پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ معزز شهرين ۽ ڪاروباري ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس ۽ من گهڙت ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. هنن چيو ته صحافي راڻو صداقت جي ڀاءُ راڻو فرمان راجپوت کي اڳ ئي چوري جي الزام ۾ گرفتار ڪري چالان ڪيو ويو پر ان معاملي خلاف آواز اٿارڻ تي مبينا طور صحافي کي خاموش ڪرائڻ لاءِ 20 ڏينهن بعد ساڳئي ڪيس ۾ سندس نالو نامعلوم جوابدارن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ گرفتاري لاءِ سندس گهر تي پوليس چڙهائي ڪئي وئي. اڳواڻن چيو ته صحافي خلاف اهڙي مبينا انتقامي ڪارروائي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي صحافي راڻو صداقت جو نالو ڪيس مان خارج ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن اعلان ڪيو ته جيڪڏهن ٻن ڏينهن اندر صحافي جو نالو ڪيس مان خارج نه ڪيو ويو ته خميس 27 آگسٽ تي ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو، جنهن ۾ صحافي برادري سان گڏ سول سوسائٽي، وڪيل برادري ۽ راجپوت برادري جا ماڻهو وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. اڳواڻن چيو ته انصاف ملڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

جاري آهي. ذريعن موجب يوسي چيئرمين چنا پاران گڏيل سرٽيفڪيٽ لاءِ درخواست ڏني وئي آهي، جڏهن ته آراضي يوسي کي مهندي روٽ پرمٽ لاءِ پڻ درخواست پهچي چڪي آهي. ذريعن موجب اي سي سيوهڻ جي ليٽر تي ڊي آءِ بي انچارج کي مهندي جي سلسلي ۾ آراضي کان پيادل ايندڙ سوين عورتن ۽ مردن لاءِ سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ بابت سيوهڻ انتظاميا کي ضروري هدايتون جاري ڪرڻ لاءِ چيو ويندو. ميلي جي سرپرست ۽ مهندي بردار خادم حسين ڇچڙ موجب مهندي جي رسم مقرر طريقي سان ادا ڪرڻ بعد ڇڄ واپس روانو ٿيندي، جڏهن ته مخصوص روٽ تي مهندي جي آمد ۽ واپسي جا انتظام ڪيا ويندا. ان موقعي تي لنگر ۽ نياز پڻ ورهائڻ جو انتظام ڪيو ويندو. خادم حسين ڇچڙ چيو ته مهندي حال کي شريسندن پاران ڊاهڻ واري معاملي بابت صورتحال 14 ربيع الاول کانپوءِ جلد حل ٿيڻ جي اميد آهي. هن چيو ته تيسين مهندي جي رسم روايتي طريقي سان ادا ڪئي ويندي ۽ ڇڄ رسم مڪمل ڪرڻ بعد واپس روانو ٿيندي.

سنڌ جي وحدت ۽ سالميت بابت اڳواڻن سخت موقف اختيار ڪندي سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به تجويز کي رد ڪري ڇڏيو. ڪانفرنس ۾ جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي امير حضرت مولانا عبدالقيوم هاليجوي، مولانا اسدالله ڪهڙو صوبائي ناظم مولانا محمد اسحاق لغاري، ضلع گهوٽڪي جي امير حافظ سراج احمد چنڊ، ناظم عمومي مولانا عبدالغفار چاچڙ مولانا تنوير احمد خشڪ، مولانا فضل الرحمان گبول، مولانا محمد شريف گڏاڻي، تعلقي امير حبيب الله خان گبول، ناظم عمومي جميل احمد مهر نعت خوان گلزار احمد چنڊ، حاجي عبدالواحد جتوئي، شير علي اڄڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جي يو آءِ اڳواڻ مولانا اسدالله ڪهڙو چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جو وار برداشت نه ڪيو ويندو. هن چيو ته "اسين ست ڪروڙ سنڌي سنڌ جا چوڪيدار آهيون ۽ سنڌ کي ڪنهن به صورت ۾ ورهائڻ نه ڏينداسين." سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن ملڪ ۾ نوان صوبا ناهڻا آهن ته پنجاب ۾ نوان صوبا ناهيا وڃن، سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه چو ڪئي وڃي؟ مولانا اسدالله ڪهڙي چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سالميت سندن لاءِ ريڊ لائن آهي ۽ سنڌي عوام پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت جي حفاظت لاءِ متحد آهي. هن چيو ته اڄ "سنڌ ڪسيندي نه پادر ڪائيندي" جو نعرو هنيو ويو هو هاڻي "سنڌ ورهائيندي نه پادر ڪائيندي" جو نعرو آهي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندڙ ٻين عالمن ۽ اڳواڻن حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي پاڪ سيرت، زندگي ۽ تعليمات تي تفصيلي روشني وڌي. عالمن مسلمانن تي زور ڏنو ته هو نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائين ۽ محبت، اخوت، رواداري ۽ اسلامي اصولن تي عمل ڪن. ڪانفرنس ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن سان گڏ خانپورمهر شهر ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن مان ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي حاجي سيف الله مهر پاران ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن، عالمن ۽ عوام جو شڪريو ادا ڪيو ويو.

بقايا | 15 | روزاني عبرت

ٽنڊوالهيار پهچي فوتي نوجوان جو ضروري ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو. لاش ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال پيدا ٿي وئي. فوتي نوجوان جي جنازي نماز ۽ تدفين ۾ مگريا برادري سميت مختلف برادرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ايس ايڇ او عمرسائند رياض سومرو موجب واقعي جي جاچ جاري آهي، جڏهن ته پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کانپوءِ ئي واضح ٿي سگهندو ته واقعو قتل آهي يا اتفاقي طور پيش آيو.

بقايا | 16 | روزاني عبرت

پهچي لاش تعلقہ اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو هوڏانهن لاش تعلقہ اسپتال سڪرنڊ کان ڳوٺ سائين بخش چانڊيو پهچايو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا | 17 | روزاني عبرت

چوڪ گهنٽا گهر تي ممتاز عالم دين، جانشين مفتي اعظم، استاد العلماء حضرت علامہ مولانا مفتي محمد ابراهيم قادري جي صدارت هيٺ منعقد ٿي. ڪانفرنس ۾ ٻين مهمانن سميت سکر انتظاميا جي فوڪل پرسن سمندر خان پٺاڻ ايس ڊي او سيپڪو مشتاق قريشي، جي يو پي جي صوبائي اڳواڻ مجاهد اهل سنت، تنظيمات اهل سنت ضلع سکر جي چيئرمين مشرف محمود قادري، حافظ محبوب علي سهتو ڊي آءِ بي انچارج سکر سعيد احمد قاضي، يو سي وائيس چيئرمين چوڌري اظهر صاحبزاده حامد محمود فيضي، مولانا غياث الدين قادري، مولانا شهزاد قادري، مولانا عثمان فيضي، مولانا نور احمد قاسمي، مولانا الله وسايو انڍڙ مولانا نعمان خان قادري، پير عطا الرحمان خان، مولانا عبدالرئوف اجڙي، مولانا اسجد نعمان حنفي، ڊاڪٽر انيس الرحمان خان، مولانا رضوان خان قادري، مولانا افضل الحسيني، مولانا ساجد الرحمان، مولانا عبدالوالي قديري، مولانا افتخار عقيل احمد قادري، سراج الدين انصاري سميت معزز شهرين ۽ عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروقار محفل دوران صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه پاران شرڪاءِ محفل ۾ ٻن عمره ٽڪيٽن بمعہ پيڪيج جي قرعہ اندازي پڻ ڪئي وئي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ممتاز عالم دين مفتي محمد ابراهيم قادري چيو ته جيڪڏهن اسان حضرت محمد ﷺ جي طرزِ حيات کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻايون ته پنهنجي سمورن مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون ٿا. حضور اڪرم ﷺ امن ۽ محبت جا داعي هئا، جڏهن ته سندن مبارڪ زندگي زندگي جي هر شعبي لاءِ مشعل راهه آهي. هن چيو ته آقائے دو جهان رحمت العالمين ﷺ جي ولادت باسعادت جون خوشيون ملهائڻ ايمان جي علامت آهي. حضور ﷺ جيڪو درس ڏنو آهي، ان تي عمل ڪندي واپاري پنهنجي ڪاروبار کي ترقي جي راهن تي گامزن ڪري سگهن ٿا. والدين پنهنجي ٻارن کي قرآن ۽ سنت جي تعليمات سان روشناس ڪرائين. تقريب دوران ساليانه نعت خواني مقابلي ۾ پهريون، ٻيو ۽ ٽيون نمبر حاصل ڪندڙ نعت خوانن ۾ انعام ورهايا ويا، جڏهن ته ميڊيا نمائندن، ڪيمرا مينن ۽ فوٽوگرافرن سميت محفل ۾ شريڪ ماڻهن ۾ تحفا پڻ ورهايا ويا. آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ امت مسلمہ کي درپيش مسئلن ۽ مشڪلاتن جي حل لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

موقعي تي اسڪول جي شاگردن بارگاهہ رسالت ۾ عقيدت ۽ احترام سان نعتون پيش ڪيون.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

آهي جنهن سبب تعليم متاثر ٿي رهي آهي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪيو وڃي جيئن اسان تعليم پرائي سگهون ۽ اهو اسان جو حق آهي ۽ اسان جي اسڪول کي جڙندي چاليهہ سال گذري ويا آهن اسان کي بلڊنگ به نه ملي سگهي آهي بلڊنگ به ڏني وڃي ته جيئن گرمي سردي ۾ پريشاني مان نڪري تعليم حاصل ڪري سگهون. هن

بقايا | 20 | روزاني عبرت

تي آجيائو ڏنو ويو. ان موقعي تي ايڊووڪيٽ عبدالرزاق درس ڳالهائيندي چيو ته وڪيل دوستن مٺس اعتماد ڪندي ڪيس حيدرآباد بار جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو آهي، هو ان اعتماد تي پورو لهڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندو. وڪيلن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ سان گڏ بار ۾ لائبريري سميت ٻين ضروري سهولتن جي فراهمي لاءِ پڻ قدم کنيا ويندا...

بقايا | 21 | روزاني عبرت

ڪرائڻ لاءِ شهرين تي زور ڏنو ٿي رهي آهي. شهرين ۽ واپارين واضح ڪيو ته گرفتار ٿيل جوابدارن جو ڪليم الله ميمڻ سان ٿيل ڦر واري واردات سان ڪو به واسطو ناهي. ٻئي طرف پوليس جو موقف آهي ته جن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، انهن خلاف شهري اڳي ڪيس داخل ڪرائين، جڏهن ته شهرين جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار ٻي واردات ۾ ملوث آهن ۽ ڪليم الله ميمڻ سان ٿيل ڦر جو ڪيس الڳ داخل ٿيڻ گهرجي. شهرين ۽ واپارين پوليس جي اهڙي موقف خلاف عدالت سگهوري سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو ڪندي چيو ته جيڪڏهن پوليس اصل جوابدار گرفتار ڪري ڪليم الله ميمڻ واري واقعي جو ڪيس اڳتي نه وڌايو ته عدالت سان رابطو ڪيو ويندو. گڏجاڻي ۾ عامل مهر سيد نسيم شاهه، سيف الله ميمڻ، نثار علي ميمڻ، ديدار پٺاڻ لطف الله ميمڻ، حبيب الله ميمڻ، نظير حسين ميمڻ، مختيار علي ميمڻ ۽ ٻين شهرين، واپارين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

PAA
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

پروڪيورمينٽ نوٽيس | ڪمن جي پروڪيورمينٽ

اسڪردو انٽرنيشنل ايئرپورٽ، اسڪردو تي نئين ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول ٽاور (ATCT)، فائر اسٽيشن ۽ لاڳاپيل سهولتن جي تعمير

تصحيح نمبر 1

مٿي ڄاڻايل عنوان تحت 30 جولاءِ 2026 تي قومي اخبارن، EPADS V2.0، PAA ۽ PPRA جي ويب سائيٽن تي شائع ٿيل آڇن جي دعوت جي حوالي سان، ڄاڻايل ڪنسلٽنسي سروسز جي دعوت نامي جي سيريل نمبر 4 کي هيٺين سيريل نمبر 4 سان تبديل ڪيو ويندو:

4۔ اي۔آڇون،اِي۔واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن موجب تيار ڪري EPADS v2.0 ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي، جنهن جي آخري تاريخ خميس، 17 سيپٽمبر 2026 صبح 11:00 وڳي تائين آهي. تجويزون ساڳئي ڏينهن خميس، 17 سيپٽمبر 2026 صبح 11:30 وڳي کوليون وينديون. دستي طور جمع ڪرايل آڇون قابلِ قبول نہ هونديون.

وڌيڪ تفصيلن لاءِ 0 جولاءِ 2026 تي شائع ٿيل واڪ دستاويز جي تصحيح نمبر 1 جي حوالي سان EPADS V2.0 ملاحظ ڪريو.

ڊائريڪٽر (P&D)، پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ،
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي ٽرمينل-1، جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ، ڪراچي.
فون: 99242773 (92-21+) ايڪسٽينشن: 2081 فيڪس: 99242683 (92-21+)
اي ميل: director.pdev@paa.gov.pk / contmgntbranch@gmail.com
www.paa.gov.pk

PID K-652/26

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

HESCO

اِي- آڇون گهربل آهن

حيسڪو (HESCO) پي پي آر اَي (PPRA) قانون جي دفعات جي مطابق قومي مسابقتي آڇ (NCB) جي تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي اِي۔آڇ جي طريقيڪار کي استعمال ڪندي ٺيڪيدارن کان هيٺ ڏنل ڪمن جي لاءِ اِي۔آڇون (E-Bids) جي دعوت ڏئي ٿو.

Tender No	Name of work	Bid Security	Bid closing date & time	Bid opening date & time
Tender 2026-27 XEN/Civil-01	Construction of Operation Sub Division Memon at Old Power House HESCO Hyderabad	4,062,272.00	15.09.2026 10:30 AM	15.09.2026 11:00 AM
Tender 2026-27 XEN/Civil-02	Construction of New Office Building Operation Sub Division Kohsar & Allama Iqbal (Ground + First Floor) at Kohsar Grid Station	4,183,828.00	15.09.2026 11:00 AM	15.09.2026 11:30 AM
Tender 2026-27 XEN/Civil-03	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at Operation Sub Division at Thatta	138,233.00	15.09.2026 11:30 AM	15.09.2026 12:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-04	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at 132Kv Grid Station Gulshan-E-Shahbaz	135,504.00	15.09.2026 12:00 PM	15.09.2026 12:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-05	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) Daulatpur	140,953.00	15.09.2026 12:30 PM	15.09.2026 01:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-06	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at Operation Sub Division Qazi Ahmed	140,953.00	15.09.2026 01:00 PM	15.09.2026 01:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-07	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at SDO Office Sanghar	137,480.00	15.09.2026 01:30 PM	15.09.2026 02:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-08	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at Operation Sub Division Makli	138,233.00	15.09.2026 02:00 PM	15.09.2026 02:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-09	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at Operation Sub Division Sakrand	140,953.00	15.09.2026 02:30 PM	15.09.2026 03:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-10	Construction of G.I Vehicle Parking Shade (04 Nos Vehicles) at S.E Operation Society Nawabshah	140,953.00	15.09.2026 03:00 PM	15.09.2026 03:30 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-11	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Staion Sakrand HESCO	170,732.00	15.09.2026 03:30 PM	15.09.2026 04:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-12	Construction of Security Guard Room at Regional Store HESCO Nawabshah	170,732.00	15.09.2026 04:00 PM	15.09.2026 04:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-13	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station Daur HESCO	170,732.00	16.09.2026 10:30 AM	16.09.2026 11:00 AM
Tender 2026-27 XEN/Civil-14	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station Golarchi HESCO	185,740.00	16.09.2026 11:00 AM	16.09.2026 11:30 AM
Tender 2026-27 XEN/Civil-15	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station Gulshan-e-Shahbaz HESCO	191,146.00	16.09.2026 11:30 AM	16.09.2026 12:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-16	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station HESCO Bhan Saeedabad	190,973.00	16.09.2026 12:00 PM	16.09.2026 12:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-17	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station New Matli HESCO	184,961.00	16.09.2026 12:30 PM	16.09.2026 01:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-18	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station Sanghar HESCO	184,961.00	16.09.2026 01:00 PM	16.09.2026 01:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-19	Construction of Security Guard Room at 132Kv Grid Station Shahdadpur HESCO	184,961.00	16.09.2026 01:30 PM	16.09.2026 02:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-20	Stacking of Gunny Sand Bags at around the Switchyard, Fence Walls For Temporary Protection From Heavy Rain Due to Monsoon at 132Kv Grid Station Daur	28,898.00	16.09.2026 02:00 PM	16.09.2026 02:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-21	Repair & Maintenance of Existing Damaged Metaled Road 50mm, Carpeting, Rehabilitation of Existing Water Supply Pump, Earth Filling of Existing Depressed Ground and Existing Boundary Wall at 132Kv Grid Station Latifabad Colony Hyderabad	1,753,440.00	16.09.2026 02:30 PM	16.09.2026 03:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-22	Repair & Maintenance / Reconstruction of Broken &Tilted Boundary Wall at 132Kv Grid Station Shalmani HESCO	1,257,364.00	16.09.2026 03:00 PM	16.09.2026 03:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-23	Repair & Maintenance Of Existing Damaged Metaled Road 50mm, Dismantling of RCC Roof of Over Head Tank of Qasimabad Mosque & Security Guard Room / I/C Renovation Bath Accessories, Wood Work, Distempering, Oil Paint, Water Supply and Sewerage System at 132Kv Grid Station Colony Qasimabad Hyderabad	1,235,502.72	16.09.2026 03:30 PM	16.09.2026 04:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-24	Replacement of damaged roof slab & M&R of jacketing of equipment foundation, construction of cable trench, Rcc trench covers, supply & spreading of gravel / crushed stone at 132Kv Grid Station HESCO Daulatpur	1,018,305.00	16.09.2026 04:00 PM	16.09.2026 04:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-25	Repair & Maintenance & Reconstruction of fallen boundary wall panels &Construction of ramp at Main gate at 132kv grid station Thatta	769,135.00	17.09.2026 10:30 AM	16.09.2026 11:00 AM
Tender 2026-27 XEN/Civil-26	Repair & Maintenance of Control House Building, guard room including, switch yard, trenches, trench covers, water, spreading of gravel & plaster of foundation etc at 132kv Grid Station Khanote	600,937.00	17.09.2026 11:00 AM	17.09.2026 11:30 AM
Tender 2026-27 XEN/Civil-27	Repair & Maintenance of XEN / RO office i/c replacement of roof, reconstruction of overhead tank, marble on roof, false ceiling & wall paneling SDO office room water supply system, providing and fixing of barbed wire (7 rows), razor barbed wire on outer side of main boundary for security purpose at Operation Sub Division Sehwan HESCO	485,210.00	17.09.2026 11:30 AM	17.09.2026 12:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-28	Maintenance & Repair / Rehabilitation work of XEN SS&T division office at 132kv grid station society HESCO Nawabshah	390,079.00	17.09.2026 12:00 PM	17.09.2026 12:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-29	Repair & Maintenance / Rehabilitation of flooring of flat brick laying with sand filling, earth filling and re-handling of earth work, i/c barbed wire for fencing at G.I parking shade area at Power Wing colony HESCO Kotri road Hussainabad Hyderabad	350,347.00	17.09.2026 12:30 PM	17.09.2026 01:00 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-30	Maintenance & Repair / Rehabilitation work of XEN Sub Division SS&T office at 132kv Grid Station Society HESCO Nawabshah	324,138.00	17.09.2026 01:00 PM	17.09.2026 01:30 PM
Tender 2026-27 XEN/Civil-31	Repair & Maintenance &Reconstruction of fallen boundary wall panels at 66kv grid station Tando Bagho	299,849.00	17.09.2026 01:30 PM	17.09.2026 02:00 PM

1. اهليت (Eligibility):

